Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد: 27 | جمعو 07 مارچ 2025ع بمطابق 06 رمضان المبارڪ 1446ھ | قيمت 20 رپيا | شمارو: 113

## سنڌ سرڪار چئن سالن جي صحت جي بهتري واري منصوبي جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد اعليٰ سطحي اجلاس ۾ وڏي وزير صحت کاتي جي اهم ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ عورتن ۽ ٻارن لاءِ عالمي معيار حاصل ڪرڻ جا هدف مقرر ڪيا

اجلاس ۾ وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ناٿو فياض جتوئي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ روٽين اميونائيزيشن ڪوريج 69 سيڪڙو آهي. 95 سيڪڙو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ 5500 ليڊي هيلٿ ورڪرن کي ڀرتي ڪرڻ جو ارادو آهي: آگاهي

3500 ويڪسينيٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جهڙوڪ ڪولڊ چين انجنيئر ۽ سافٽ ويئر انجنيئر ڀرتي ڪيا ويندا: وڏي وزير کي بريفنگ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ جامع چئن سالن جي صحت جي بهتري واري منصوبي (2025_ 29) جي منظوري ڏني آهي جنهن جو مقصد ڪميونٽي تائين رسائي وڌائڻ، معمول جي حفاظتي ٽڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڪراچي: وڏو وزير، گورنر، ناصر شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ اي پي سي سي ايل جي تقريب ۾ شريڪ آهن

## بچت بازارن وارو قدم سنڌ سرڪار جي عوام دوست پاليسي جو حصو آهي: شرجيل ميمڻ

بازارن جو مقصد عوام کي بنيادي ضروري شيون سستي اگهه تي فراهم ڪرڻ ۽ وچولي ۽ گهٽ آمدني واري طبقي کي مهانگائي جي اثرن کان محفوظ رکڻ آهي

سنڌ حڪومت بچت بازارن جي شفافيت ۽ انتظامي نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع قدم کنيا آهن

هر بازار ۾ سرڪاري عملدار مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن قيمتن تي نظر رکي سگهجي: سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) مهانگائي کي نظر ۾ رکندي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار رمضان المبارڪ دوران سڄي سنڌ ۾ بچت بازار قائم ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري/ ڏسو صفحو 3 بقايا 7

## پيپلزپارٽي درياهه ڪپائي سنڌين کان جيئڻ جو حق به کسي ورتو آهي: نياز ڪالاڻي

سنڌ دنيا جو وڏي کان وڏو ريگستان بڻجي ويندي پاڻي جي ڍڪ لاءِ به سڪي مرنداسين

منو پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ نه ڪيو ويو ته ڪراچي سميت ساحلي پٽي وارا سمورا شهر سمنڊ ڳڙڪائي ويندو

عوام هاڻي ٻاهر نڪري زرداري ۽ ان جي ساٿارين خلاف مزاحمت نه ڪئي ته ڌرتيءَ جي گولي تان سنڌ جو نالو نشان ختم ٿي ويندو: جسقم اڳواڻ

متياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي پيپلزپارٽي درياهه ڪپائي سنڌين کان جيئڻ جو حق به کسي ورتو آهي اڄ پٽ شاهه ۾ پاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

متياري: قومپرست اڳواڻ نياز ڪالاڻي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

### پٺاڻي ڪالوني ۾ پلاٽن جي غير قانوني الاٽمينٽ ڪيس، چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ٻين ڌرين کي نوٽيس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پٺاڻي ڪالوني ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

### پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پرنٽنگ ميوزيم مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي: ڄام اڪرام الله ڌاريجو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

## آمريڪي صدر پاران نيون سفري پابنديون، ايندڙ هفتي کان پاڪستان ۽ افغان شهرين جي آمريڪا ۾ داخلا تي پابندي لڳڻ جو امڪان

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان نين سفري پابندين سبب پاڪستان ۽ افغانستان جي شهرين جي ايندڙ هفتي کان آمريڪا ۾ داخلا/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

## شريف الله جي آمريڪا حوالگي دهشتگردي خلاف سهڪار جي روشني ۾ ڪئي وئي: پرڏيهي ڪاتو

اسلام آباد (م د) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان چيو آهي ته آمريڪا سان سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه تسلسل سان جاري آهي، آمريڪا /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

### صوبائي وزير پاران معزز شخصيت غلام حسين ملڪاڻي جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت

## خطرناڪ قيدين لاءِ الڳ جيل تعمير ڪرايو ويندو: علي حسن زرداري

خطرناڪ ڌاڙيلن ۽ وڏن ڪرمنلز کي سينٽرل جيل سکر منتقل ڪيو پيو وڃي: ڳالهيون

غلام الله (پيرل پياسي ملاح) صوبائي وزير علي حسن/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

## سنڌ سرڪار پاران مئي ۽ اپريل ۾ نيشنل گيمز ڪرائڻ جو فيصلو

پهرين مئي کان 9 تائين ڪراچي 10 کان 13 اپريل تائين مٺي ۾ مقابلا ٿيندا

اولمپڪس ڪميٽي گيمز جي وينيون کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي: امير بخش مهر

ڪراچي( اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

## عدالت عارف علوي جي ڊينٽل ڪلينڪ سيل ڪرڻ وارو ڪيس اڪلائي ڇڏيو

اوهان کي ايس بي سي اي سان رابطو ڪرڻ گهرجي: جسٽس ڪي ڪي آغا

ڪلينڪ سيل ڪرڻ لاءِ قانوني تقاضا کي پورو نه ڪيو ويو: جسٽس نثار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني بئنچ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

آرمي چيف پاران بنون جو دورو، ڪور ڪمانڊر پشاور سنڌس آجيان ڪئي، سپهه سالار کي جاري آپريشنز ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي بريفنگ

## دهشتگردن ۽ سهولتڪارن کي پنهنجي انجام تي پهچايو ويندو: آرمي چيف

افغانستان اهڙن عنصرن جي محفوظ پناهه گاهه بڻيل آهي، خارجين ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف جنگ پنهنجي منطقي انجام تائين جاري رهندي

پاڪ فوج رياست جي سلامتي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ دهشتگردي خلاف ڪردار ادا ڪندي رهندي: پاڪ فوج جو سپهه سالار

راولپنڊي: (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

راولپنڊي: پاڪ فوج جو سپاهه سالار عاصم منير جوانن کي خطاب ڪري رهيو آهي

## ڪراچي واسي ڦورن جي نشاني تي، هلندڙ سال 19 شهري قتل

شهر جي مختلف علائقن ۾ ڦروارداتن دوران شهري گولين جو ڪاج ٿيا

رمضان مهيني ۾ پنج شهري ڦورن جي انڌي گولي جو نشانو بڻجي ويا

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ هلندڙ سال هينئر /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

لاڙڪاڻو: پ پ شهيد ڀٽو سپاف پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

## لاڙڪاڻي ۾ پ پ شهيد ڀٽو سپاف پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي، ٽائرن کي باهه

ضلعي هيڊڪوارٽر ڪينيڊي مارڪيٽ کان ريلي نڪتي، وڏي انگ ماڻهن جي شرڪت، نعريبازي ٿي

وفاق گرين پاڪستان نالي چولستان واري علائقي کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي سڪائي رهيو آهي: محمد لاهوري

ڄامشورو ۾ شاگردن تي تشدد ڪندڙ اهلڪارن خلاف ايڪشن کڻي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو سپاف توڙي يوٿ/ ڏسو صفحو 3 بقايا 30

جي يو آءِ اڳواڻن ۽ پي ٽي آءِ ۾ رابطا، ايندڙ هفتي فضل الرحمان سان ملاقات جو امڪان

## هي وقت آهي اسان جو ساٿ ڏيو، پي ٽي آءِ عمران جو پيغام فضل الرحمان تائين پهچائي ڇڏيو

پاڪستان جا نوجوان پنهنجي روشن مستقبل لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيا آهن: عمر ايوب

گهٽ پگهار واري طبقي تي تمام وڏيڪ ٽيڪس لاڳو ڪيا ويا آهن، جيڪو ظلم آهي: شبلي فراز

اسلام آباد: (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا عمران /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

## پاڪستان ۾ دهشتگردي واقعن جون ڪڙيون افغانستان سان ملڻ لڳيون، ثبوت هٿ

دهشتگرد تنظيمن کي افغان طالبان جي مڪمل حمايت، سهولتڪاري ۽ سرپرستي حاصل

گرفتار دهشتگردن وڏي ڪارروائي جي منصوبه بندي جو اعتراف ڪيو آهي: سيڪيورٽي ذريعا

سرحدي علائقي مان رات دير سان چوري سان پاڪستان ۾ داخل ٿياسين: دهشتگرد اسام الدين

ڪوئيٽا: (م د) بلوچستان ۾ پاڪ افغان سرحد پرسان سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن کان پوءِ افغانستان مان دهشتگردي جون وڏيڪ شاهديون سامهون اچي ويون آهن. سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪستان ۾ دهشتگردي/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

PAK
Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

| | |
|---|---|
| افطاري: بروز جمعو | 6 لڳي 38 منٽ |
| سحري: بروز ڇنڇر | 5 لڳي 31 منٽ |

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

| | |
|---|---|
| افطاري: بروز جمعو | 6 لڳي 48 منٽ |
| سحري: بروز ڇنڇر | 5 لڳي 21 منٽ |

## قمر جاويد باجوه کان پڇو وڃي ته انهن دهشتگردن کي پاڪستان ۾ ڇو ٽرسايو: خواجا آصف

دهشتگردي سڄي دنيا جو مسئلو آهي، جنهن کي گڏجي حل ڪرڻو پوندو: بچاءُ وارو وزير

دهشتگردي روڪڻ ۾ ناڪامي ڍڪڻ لاءِ پهريان ڪي پي ڪي حڪومت جي انڪوائري ٿيڻ گهرجي

خيبرپختونخواهه پي ٽي آءِ باني جي جنگ وڙهي رهيو آهي، ڪي پي ڪي حڪومت دهشتگردي جي خلاف ڪجهه نه پئي ڪري: بيان

اسلام آباد: (م د) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد نه گرفتار آهي، اڳوڻي آرمي چيف جنرل قمر/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

نوشهروفيروز: خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو مڙهه پيل آهي

## نوشهروفيروز ۾ پورهيت گهرو پريشانين سبب آپگهات ڪري ڇڏيو

جي ايم شاهه پاڙ کي ڪمري ۾ بند ڪري پسٽل جو فائر ڪري ڇڏيو

نوجوان ٽن ٻارن جو پيءُ هو، دڪان تي ڪم ڪري گهر جو گذر ڪندو هو

نوشهروفيروز( ڊ ر) نوشهروفيروز جي پريم نگر ڪالوني ۾ پورهيت نوجوان 28 ساله سيد غلام مصطفيٰ شاهه گهرو پريشانين سبب پاڻ مٿان فائر/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

## دادو سپاف شهيد ڀٽو پاران درياهه تي ڌاڙي، شاگردن تي تشدد خلاف مارچ ڌرڻو

شمس الدين ڀٽو، ثاقب علي پنڀر جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ کڻي مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

درياهه سنڌ جو جياپو آهي، ڪنهن کي به ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت نه ڏينداسين: شمس الدين ڀٽو

شاگردن تي پوليس جي تشدد جو نوٽيس وٺي شاگردن مٿان داخل ڪيس ختم ڪيو وڃي: مطالبو

دادو (ڊ ر): سپاف شهيد ڀٽو دادو پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ يونيورسٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وي سي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگويج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر وچ ۾ ملاقات

## سنڌي ٻولي ۽ ڪمپيوٽيشنل لنگوئسٽڪس تي تحقيق ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

سنڌ يونيورسٽي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ سان سهڪار لاءِ مفاهمتي يادداشت تيار ڪري ان تي صحيحون ڪيون وينديون: وي سي

ٻنهي اڳواڻن قدرتي طور وجود ۾ آيل ٻولي توڙي ان جي سڀني جي ترقيءَ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپائي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگويج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙو وچ ۾ هڪ اهم ملاقات وائيس چانسلر آفيس ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

## خيرپور پرسان ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سوارن کي ٽڪر، ٻه فوت، ڊرائيور گرفتار

تيزي وٽ قومي شاهراهه تي ٽرالر موٽرسائيڪل سوارن کي ٽڪر هنيو

حادثي ۾ امان الله ۽ علي اڪبر چيپاٽجي فوت ٿي ويا، سڃاڻپ سرحد واسين طور ٿي

فوتين جا مڙهه ڪارروائي بعد وارثن حوالي، پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

خيرپور / گهوٽڪي/سرحد( نمائندن وٽان) ٻيرلو بائي پاس تي ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر، سرحد واسي ٻه نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو خبرموجب ٻيرلو بائي پاس تي ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا 15

## ڪنڊيارو ۾ ڪدڙن فقيرن پاران مغوي جي بازيابي لاءِ ريلي، قومي شاهراهه بلاڪ، گاڏين جون قطارون

ڪرن عمراڻي بازياب نه ٿيڻ تي ساٿين ٽڪنڊي هوٽل کان ريلي ڪڍي بينر کڻي نعريبازي ڪئي

قومي شاهراهه بلاڪ هجڻ ڪري ايندڙ ويندڙ گاڏين جون قطارون لڳي ويون، مسافر سخت پريشان رهيا

ايس ايڇ او احتجاج واري هنڌ پهچي ڪدڙن فقيرن سان ڳالهيون ڪيون جنهن بعد قومي شاهراهه کوليو ويو

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ) ڪنڊيارو ۾ مبينا اغوا ٿيل خواجا سرا بازياب نه ٿيڻ سانگي خواجا سرا جي بازيابي نه ٿيڻ خلاف خواجا سرائن ريلي ڪڍي قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو ڪنڊيارو ۾ مبينا طور اغوا ٿيل خواجا /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ڪنڊيارو: ڪدڙا فقير سائي مغوي جي بازيابي جي لاءِ قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

## ”گاڏي ڳولي ڏيو“ ٺٽي ۾ جهمپير واسي جو احتجاجي مظاهرو

هڪ سال گذري ويو آهي، هن مهل تائين ويگو گاڏي ناهي ملي: غلام محمد چانگ

ويگو گاڏي ونڊ پاور ڪمپني کي رينٽ تي ڏني هئي: متاثر جي ڏانهن

ٺٽو (ڊ ر) جهمپير شهر جي رهواسي غلام محمد چانگ جي ويگو گاڏي جهمپير لڳ دسڪون انجنيئرنگ ڪمپني جي انتظاميه جي ملي ڀڳت /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

## عورت حراسان ڪيس: عدالت پاران ايف آءِ اي عملدارن کي نوٽيس

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ عورت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ايف آءِ اي آفيسرن کي عورت کي تنگ ڪرڻ کان روڪيو وڃي: وڪيل جو موقف

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني بينچ /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

سنڌ جي وڏي وزير ايف پي سي سي آءِ لانچ پيڊ پاڪستان جو افتتاح ڪري ڇڏيو

## معاشي مستقبل کي جوڙڻ ۾ نوجوانن جي ڪاروبار ۽ جدت جي اهم ڪردار تي زور

لانچ پيڊ پاڪستان جو مقصد نوجوان واپارين، جدت پسندن رڪندڙن کي بااختيار بڻائڻ آهي: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) : سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

## نوشهروفيروز ۾ مشوري برادري جو قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

وقار علي کي قتل ڪندڙ سرعام آزاد گهمي رهيا آهن: والد امير سلطان

پوليس جوابدارن سان ڀت ٻڌيل آهي، فوري جوابدار کي پڪڙيو وڃي: مطالبو

نوشهروفيروز( ڊ ر) نوشهرو فيروز جي سبزي منڊي ۾ قتل/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

نوشهروفيروز: مشوري برادري قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهي آهي

## سرڪاري نوڪرين بهاني فراڊ ڪندڙ اڳواڻ پوليس عملدار گرفتار

مليرڪينٽ پوليس گلستان جوهر مان گلزار علي سوهو کي پڪڙيو

جوابدار عدالت ۾ پيش، جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مبينا طور ماڻهن کي سرڪاري نوڪريون وٺي ڏيڻ جي بهاني لکين روپيا وٺڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

## غوثپور لڳ نوجوان زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

گهرو مسئلي تان ڳوٺ ملان محمد صابر اوڳاهي ۾ وقار احمد تلاءُ ۾ ٽپو ڏنو

اطلاع تي گهرڀاتين پهچي پاڻي مان مڙهه ڪڍيو، لاش گهر آڻڻ تي ڪهرام مچي ويو

غوثپور (ن پاڪ) غوثپور ويجهو ڳوٺ ملان محمد صابر اوڳاهي ۾ نوجوان گهرو اڻبڻت تان تلاءُ ۾ ٽپو ڏئي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو غوثپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

## سنڌ جو پاڻي بند ڪري 19 ضلعن ۾ هتراڊو ڏڪار آندو ويو آهي: اياز لطيف پليجو

بلاول کي وزيراعظم بنائڻ جو آسرو ڏئي چولستان ۾ ڪئنال ٺاهيو پيو وڃي ۽ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي قبضا ڪيا پيا وڃن

جلسن، جلوسن، ريلين ۽ ڌرڻن سان گڏ دليلن، قانونن ۽ انگن اکرن ۾ به حڪمرانن کي غلط ۽ غاصب ثابت ڪنداسين

سنڌ ۾ ماڻهن وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي ناهي، لاشن کي غسل ڏيڻ مشڪل بڻجي ويو آهي: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه

حيدرآباد(بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ جو پاڻي بند ڪري ٺٽو سجاول، بدين، ٽنڊو محمد خان سميت سنڌ جي 19 ضلعن ۾ هتراڊو ڏڪار آندو ويو آهي. بلاول کي وزيراعظم /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

## ٽنڊو باگو پرسان مارجي ويل نوجوان جي وارثن پاران لاش رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو

شمن کهيري جا وارث بدر چوڪ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا پوليس خلاف سخت نعريبازي

پوليس هن مهل تائين هڪ به جوابدار کي قانون جي گرفت ۾ ناهي آندو: مقتول جا وارث

واقعو ذاتي دشمني تان يا ڦرجي ڪوشش دوران ٿيو آهي، معاملي جي جاچ ڪيون پيا: حد جي پوليس

بدين( ڊ ر) گذريل رات دير سان ٽنڊو باگو جي لڳ ڪڏهرو جي ماڻڪ موري وٽ مبينا طور ڦر جي ڪوشش دوران رڪشا نه بيهارڻ تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ کهيري پاڙي ٽنڊو باگو جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

### سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ بينظير ڀٽو چيئر آفيسرن ۽ ملازمن کي مستقل نه ڪرڻ خلاف ٻڌڻي، رڪارڊ طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪراچي يونيورسٽي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

بدين: کهيري برادري پاران لاش رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ڌرڻو هنيو پيو وڃي

## نئون ديرو پرسان هندو واپارين جي قتل ۾ ملوث ٻه ڌاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا

شگرمل باءِ پاس روڊ سان لاڙڪاڻو پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿي پيو: پوليس جو موقف

مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيلن جي سڃاڻپ صدام جلباڻي ۽ واجد جلباڻي طور ٿي آهي

ٻئي ڌاڙيل واپاري سنتوش ڪمار ۽ سنجي ڪمار جي قتل ۾ ملوث هئا، هٿيار هٿ

نئون ديرو(ن پاڪ) نئون ديرو شهر جي شگر مل باءِ پاس روڊ سان لاڙڪاڻو پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن دوران 2 بدنام /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

لاڙڪاڻو: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيل

## دادو ۾ ڊي سي جي صدارت ۾ گڏجاڻي، ڪامورن کي چتاءُ

اجلاس ۾ امن امان، صفائي، واهپي جي شين جي اگهن جو جائزو ورتو ويو

هنگامي طور تي شهر جي صفائي کي يقيني بڻايو وڃي: عملدارن کي هدايت

دادو ( ڊ ر) ڊي سي دادو جي سربراهي ۾ ڪامورن جي گڏجاڻي، مختلف کاتن جي عملدارن جي شرڪت، ڊي سي پاران ميونسپل ۽ مارڪيٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

## جيڪب آباد پرسان ڪوسا برادري ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، فائرنگ، 3 ڄڻا قتل

ميرانپور واري علائقي ۾ هڪ ڌر جي ماڻهن ڪار تي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

مارجي ويلن جي سڃاڻپ، معشوق ڪوسو، رحيم بخش ڪوسو ۽ ظهور ڪوسو طور ڪئي وئي

علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو، ڇڪتاڻ وڌڻ جو خدشو، حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي

جيڪب آباد( جئش تلسي) دوداپور پرسان ميرانپور واري/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

### سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام ۽ سرسوجي سهڪار سان فيلڊ ٽيمن لاءِ سکيا ورڪشاپ

سکر( بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اداري سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (ايس ايس پي اي) پاران جاري ممتا پروگرام لاءِ ڳوٺن ۾ جاڳرتا گڏجاڻيون ڪوئرائڻ ۽ سروي ڪرائڻ لاءِ فيلڊ ٽيمن/ڏسو صفحو 3 بقايا 38

## واٽر ڪارپوريشن جي 35 سينئر آفيسرن جون مٿئين گريڊ ۾ ترقيون

آفيسرن کي پروموشن جا آرڊر ڏيڻ جي تقريب سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ منعقد ٿي

اسان جو مقصد واٽر ڪارپوريشن کي هڪ مثالي ادارو بڻائڻ آهي: ميئر ڪراچي

ڪراچي( اسٽاف رپورٽر ) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب واٽر ڪارپوريشن جي آفيسرن لاءِ تاريخي قدم کڻندي سينئر پراڻو مطالبو پورو /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ميئر ڪراچي واٽر ڪارپوريشن جي ترقي ماڻيندڙ سينئر آفيسرن کي پروموشن جا آرڊر ڏيندي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

جمعو 07 مارچ 2025ع بمطابق 06 رمضان المبارڪ 1446هه

# صحت جي شعبي ۾ بهتري لاءِ اهم منصوبن جي منظوري

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ جامع ڇهن سالن جي صحت جي بهتري واري منصوبي (2025_29) جي منظوري ڏني آهي جنهن جو مقصد ڪميونٽي تائين رسائي وڌائڻ، معمول جي حفاظتي ٽڪن واري عمل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ صوبي جي صحت جي شعبي ۾ گورننس کي بهتر بڻائڻ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد هڪ اعليٰ سطحي اجلاس دوران وڏي وزير صحت کاتي جي اهم ڪارڪردگي اشارن جو جائزو ورتو ۽ صحت جي خدمتن ۽ بهتر صحت خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن لاءِ عالمي معيار حاصل ڪرڻ جا هدف مقرر ڪيا. اجلاس ۾ وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، محتسب سنڌ سهيل راجپوت، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ناٿو فياض جتوئي، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ ۽ سيڪريٽري پاپوليشن حفيظ عباسي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ هيٺيان اهم ڳهرجن تي بحث ڪندي منظور ڏني وئي: ڪميونٽي جي رسائي ۽ معمول جي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ کي وڌائڻ: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ موجوده روٽين اميونائزيشن ڪوريج 69 سيڪڙو آهي. 95 سيڪڙو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت 2025_26 تائين 5500 ليڊي هيلٿ ورڪرن (LHWs) ۽ ڪميونٽي هيلٿ ورڪرن (CHWs) کي ڀرتي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. انهن ورڪرن کي 5250 طبي ڪٽ ۽ آئي ٽي سامان فراهم ڪيو ويندو جنهن ۾ جي پي ايس ٽريڪنگ سان گڏ موبائل فون به شامل آهن. ان کان علاوه 3500 ويڪسينيٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جهڙوڪ ڪولڊ چين انجنيئر ۽ سافٽ ويئر انجنيئر ڀرتي ڪيا ويندا. هن قدم تحت 21084 ڊوائيسز فراهم ڪيون وينديون جن ۾ گرمي پد جي نگراني جا آلات، فرج جا ٽيگ، موبائل فون، سم ڪارڊ، ۽ موٽر سائيڪلون شامل آهن. منصوبي جي هڪ اهم حصي ۾ 2028_29 تائين 2.8 ملين ويڪسينيشن جي هدف کي پورو ڪرڻ لاءِ HPV ويڪسين متعارف ڪرائڻ، 35 ڊويزنل سينٽرن ۾ سولرائيزيشن جي عمل سميت ڪولڊ چين ۽ فضلي جي انتظام شامل آهن. غذائي خدمتن کي وڌائڻ (2025_29): وڏي وزير 2025_26 تائين 11 اضافي غذائيت جي استحڪام مرڪز (اين ايس سي) ۽ 714 نوان آئوٽ پيشنٽ ٿراپيوٽڪ پروگرام (او ٽي پي) سائيٽس قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني. هن قدم جو مقصد پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارن 1.24 ملين غذائي کوٽ جو شڪار ٻارن جو علاج ڪرڻ آهي. غذائي خدمتن ۾ استعمال لاءِ تيار علاج واري خوراڪ (RUTF)، F_75، ۽ F_100 سپليمينٽس شامل هوندا جڏهن ته 17 استحڪام مرڪزن کي آپريشنل سپورٽ فراهم ڪئي ويندي. حفاظتي قدمن ۾ مائرن ۽ نوجوان نيائين لاءِ جيت مار دوائون، آئرن ۽ فولڪ ايسڊ سپليمينٽس ۽ کير پيارڻ جي صلاح مشورا شامل هوندا. ايندڙ 30 مهينن دوران 1440 آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويندا جن جو هدف 2025_26 ۾ 360 آهي. غير متعدي بيمارين (NCDs) جي روڪٿام ۽ ڪنٽرول: ذيابيطس، هائي بلڊپريشر ۽ ٻين غير متعدي بيمارين جي وڌندڙ ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير فيصلو ڪيو ته ثانوي سطح جي صحت جي سهولتن تي اسڪريننگ يونٽ قائم ڪيا ويندا. ابتدائي تشخيص جون خدمتون بنيادي صحت يونٽن (BHUs) تائين وڌايون وينديون جنهن جو مقصد 2025_26 تائين 350 اسڪريننگ سهولتن جو هدف شامل آهي. ان قدم ۾ اٺ تربيت ڏيندڙن جي سکيا (ٽي او ٽي) سيشن ۽ 158 ضلعي سطح جا تربيتي پروگرام پڻ شامل آهن. ان کان علاوه 2028_29 تائين سجي صوبي ۾ 1440 اسڪريننگ ڪئمپ قائم ڪيا ويندا. گورننس ۽ نگراني کي بهتر بڻائڻ: هڪ مضبوط نگراني ۽ تشخيص (ايم اينڊ اي) نظام متعارف ڪرايو ويندو جنهن سان صحت جي سهولتن جو تعداد هر سال 48 هزار تائين وڌي ويندو. ريئل ٽائيم ڊيٽا ٽريڪنگ لاءِ 40 ضلعن ۾ لائيو ڊيش بورڊ قائم ڪيو ويندو. ڊي ايڇ آئي ايس 2 تائين هيلٿ مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (HMIS) جي رول آئوٽ سان ڊيٽا فيصلي سازي ۾ اضافو ٿيندو. وقت سر رپورٽنگ لاءِ 900 آئي ٽي ڊوائيسز خريد ڪيون وينديون. صحت جي سهولتن جي سار سنڀال: وڏي وزير هڪ وڏي پيماني تي سار سنڀال ۽ مرمت (ايم اينڊ آر) منصوبي جي منظوري ڏني جنهن ۾ ٽريٽري، ثانوي ۽ پرائمري سطح جون اسپتالون شامل آهن. 109 کان وڌيڪ ٽريٽري اسپتالون، 91 سيڪنڊري اسپتالون، ۽ 572 پرائمري هيلٿ يونٽ بحال ڪيا ويندا جن ۾ 122 بنيادي سهولتون 2025_26 جي شيڊول ۾ شامل ڪيون وينديون. مراد علي شاهه سول اسپتال ڪراچي ۾ ٻه نوان ٽاور، ميڊيڪل ۽ سرجيڪل، جي منظوري پڻ ڏني. نرسنگ ڪيڊر کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڌائڻ: نرسنگ پروفيشنلن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏي وزير 20 نرسنگ ڪاليجن ۾ شام جي شفٽون متعارف ڪرائڻ ۽ 443 نيون تدريسي ۽ غير تدريسي عهدا پيدا ڪرڻ جي منظوري ڏني. 1125 بي ايس نرسنگ شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام پڻ منظور ڪيو ويو.

# اسلام ۾ عورت جو اتم درجو!!!

**اعجاز ممنائي**

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "۽ جنهن مادي ۽ نر کي پيدا ڪيو" (العليل: (3) ۽ ان ذات جو قسم جنهن نر ۽ مادي کي پيدا ڪيو. اها وڏي عجيب قدرت آهي جو هن سڀني جاندارن، پکين ۽ انسانن توڙي وڻن ۾ نر ۽ مادي جي تخليق ڪئي، ساڳي ماءُ ساڳي ڀيڻ، پرپٽ ۽ ڌيءَ جو الڳ الڳ ڪردار بنايائين. مثال طور حلال رزق مان اولاد جي پرورش ڪرڻ پيءُ جي ذميداري آهي ۽ ماءُ جي ذميداري آهي ته پيءُ جيڪو رزق ڏئي ان جي حفاظت ڪري، ان کي ضايع نه ڪري ۽ اولاد کي پيار سان پالي ۽ انهن جي سٺي تربيت ڪري هاڻي ٻنهي جا ڪم الڳ الڳ آهن هڪ جو ڪم آمدني آڻڻ ۽ ٻئي جو ڪم خرچ ڪرڻ آهي، ٻنهي کي ثواب ملندو. جيئن توهان وٽ فوج آهي، هڪ فوج ۾ هڪ آفيسر آهي ۽ ٻيو هڪ سپاهي آهي. سپاهيءَ جي پنهنجي ذميواري آهي ته سپاهي کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ تي انعام ملندو. جيڪڏهن هوءَ عورت آهي ته هوءَ عورتن جو ڪم چڱيءَ طرح ڪري سگهي ٿي. اڄڪلهه جديد تهذيب جو هڪ مسئلو اهو پيدا ٿيو آهي ته عورت ۽ مرد برابر آهن. جڏهن اسلام ڇهين صدي جي آخر ۾ آيو ۽ ستين صدي عيسوي جي شروعات ۾ آيو ۽ آقا نامدار ﷺ جن کي موڪليو ويو ته ان وقت ان جملي جا علمبردار ڪٿي هئا؟ توهان کي خبر آهي هندستان ۾ عورت کي انسان نه سمجهندا هئا. جيڪڏهن مڙس مري وڃي ته ان سان گڏ جيئري عورت کي دفن ڪيو ويندو هو يعني عورت جي قيمت اها هئي ته جيڪڏهن عورت بيواهه رهي، ته ان کي مڙس سان دفنايو وڃي، ۽ هوءَ ٻي شادي نه ڪري سگهي، پر ان جي زندگي موت کان بدتر ٿي وڃي، ان سان ڪو به نه ڳالهائيندو هو ڪنهن کي به کاڌو ۽ ڪپڙا ڏيڻ پسند نه هئا عورت جو رتبي بابت يوناني چون ٿا ته عورت نانگ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، سقراط چوي ٿو عورت کان وڌيڪ ڪا شيءِ فتني ۽ فساد جهڙي ناهي. يوحنا جو قول آهي ته عورت شر جي ڌيءَ آهي ۽ امن سلامتي جي دشمن آهي،رومن ڪئٿولڪ فرقي ۾ عورت مقدس ڪتاب کي هٿ نٿي هٿي سگهي ۽ گرجا گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي نه رصته الڪبري ۾ عورتن جي حالت جانورن وانگر آهي ۽ انهن کان جانورن وانگر ڪم ورتو ويندو هيو يورپ جي بهادر عورت جون آف آرڪ کي زنده ساڙيو ويو عربن جي جهالت واري دؤر ۾ ڇوڪري کي پيدا ٿيڻ تي ڪين زنده دفن ڪيو ويندو هيو پر محسن انسانيت رحمت العالمين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله وسلم عورتن بابت چيو ته سڀ کان پهريان مان جنت جو دروازو کوليندس. هڪ عورت مونکان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندي مان پڇندس تون ڪير آهين هو چوندي مان بيواهه آهيان هي يتيم ٻار آهن مڙس جو حق ادا ڪيو ۽ مڙس جون خوبيون بيان ڪندي اهڙي عورت کي شهيد جي برابر درجو آهي. جنهن عورت نڪاح ڪيو فرض ادا ڪيو ۽ گناهن کان پرهيز ڪيو مڙس ۽ اولاد جي سٺي پرورش ڪئي ان کي ثواب ملندو،جيڪا عورت حمل سان هوندي هنکي الله تعاليٰ جي رستي ۾ روزو رکي جهاد ڪرڻ ۽ رات جو عبادت ڪرڻ واري عورت جي برابر ثواب ملندو.

عجيب ڳالهه آهي ته عورت جون ذميداريون فطري آهن. ان کي ڪير به تبديل نٿو ڪري سگهي، هوءَ عورت آهي، هن جو جسم عورت جو آهي، هن جو مزاج عورت جو آهي، هن جي طاقت عورت جي آهي، هن کي اولاد جڻڻ ڏيڻو آهي، هاڻي برابري ڪهڙي آهي؟ مڙس جون ذميداريون مٿس رکجاڻ ته بازار وڃ، روزي ڪمائي، محنت مزدوري ڪري،اهو اچانڪ ڇا ٿي ويو؟ ٻين لفظن ۾، توهان کي عورت جو ڪم ڪرڻو آهي، توهان هڪ مرد جو ڪم ڪيو آهي. اها برابري ڇا آهي؟ هڪ عورت جي پيٽ مان ٻار پيدا ٿئي ٿو جيڪو ڪم فطرت ڪري ٿي. هي معاشري جو هڪ فريب آهي ۽ عورت کي ذليل ڪيو ويو آهي مغرب ۽ غير مسلم قومن کي ڇڏيو مان هر روز پنهنجي ملڪ جون اخبارون پڙهندو آهيان،هفتيوار ايڊيشن ڏسڻ ۽ منهنجو تاثر اهو آهي ته شايد مان غلط آهيان، منهنجو تاثر اهو آهي ته عورتن جون تصويرون اهڙيون ڏيکاريون وڃن ٿيون. جڻ ته هي قوم ٻارن کي نيلام ڪرڻ چاهي ٿي، ان ۾ ڪو شرم نه آهي، ڪو به خوف نه آهي، آخرت جي ڪا به پرواهه ناهي، ڇا اشتهار عورت کان سواءِ اڌورا آهن هر ايڊورٽائيز ۾ عورت جا جيڪي روپ ڏيکاريا وڃن ٿا ڇا اها عورت جي عزت آهي. اسلام عورت کي انسانيت جو درجو ڏنو آهي اسلام فطرت جو دين آهي الله تعاليٰ جنهن ۾ جيڪا صلاحيت پيدا ڪئي آهي ان جي مطابق ذميواري ڪي نڀايو آهي. عورت جون پنهنجون ذميواريون آهن. مرد جون پنهنجون ذميواريون آهن،مرد جو قد پنهنجو آهي، عورت جو قد پنهنجو آهي، عورت جي جسماني طاقت پنهنجي آهي، مرد جي جسماني طاقت پنهنجي آهي، مرد جي ذهني طاقت پنهنجي آهي، عورت جو سڀ ڪجهه پنهنجو آهي، ان جو مزاج به آهي، اسلام عورتن کي مردن جا برابر حق ڏنا آهن.عورت رب پاڪ جي هڪ خوبصورت تخليق آهي ۽ وجود انسانيت جو هڪ ذريعو آهي اسلام کان پهريان عورت تي ڪيئي ظلم ڪيا ويندا هئا جتي معاشري ۾ ٻيون برايون عام هيون اتي نيائين کي زنده پورڻ جو رواج به عام هو اسلام جي اچڻ سان جتي ٻين برائين جو خاتمو ٿيو اتي عورت ذات کي به جيئڻ جو حق مليو اسلام عورت کي هڪ وڏو مقام ڏنو ۽ عزت بخشي ايتري قدر جو قرآن مجيد ۾ رب پاڪ سوره نساءُ سوره نور ۽ ٻيون سورتون عورتن جي حقن لاءِ نازل ڪون. عورت جيڪڏهن امڙ آهي ته ان جي قدمن هيٺيان جنت آهي، ڀيڻ آهي ته ايثار ۽ قرباني جو هڪ جذبو آهي، ڌيءَ آهي ته رحمت آهي. زال آهي ته دل جو سڪون آهي. پنهنجي اولاد جي تربيت ڪرڻ واري ممتا آهي، عورت کي نبوت جو درجو ته ناهي مليو پر عورت نبين سڳورن ۽ ولين جي امڙ ضرور بڻي آهي سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪرڻ واري به عورت هئي ته اسلام ۾ شهادت جو رتبو ماڻڻ وارن ۾ پهريان عورت آهي. عورت جيڪڏهن بيبي هاجران جهڙي آهه ته پچو حضرت اسماعيل عليه السلام جهڙو پيدا ڪندي، عورت جيڪڏهن بيبي فاطمه سلام الله عليها جهڙي آهي ته پچڙا حضرت امام حسن ۽ حسين عليهم السلام جهڙا پيدا ڪندي. زماني جڻ جيئن ترقي ڪئي آهي ته عورتون به ماڊرن ٿي ويون آهن. دنا ۾ صرف يورپ جي عورت کي آئيڊيل طور پيش ڪيو ويو آهي، منهنجي سنڌ امڙ جون بختاور نوري مارئي سسئي سهڻي به ته عورتون هيون حيادار هيون پوءِ انهن کي يورپي ڪلچر ذريعي ظلم ڪري ڪاڻن حياءُ جهڙي نعمت کسجي وئي. اگر عورت کي صرف مذهب اسلام جي چوڻ مطابق هن سان سلوڪ ڪيو وڃي ها ته انهن سان ايڏا ڦهر نه ٿين ها ڪڏهن انهن کي ڪوٺن اندر قيد ڪري هنن حق بخشرايا ويا ڪڏهن ڪاري ڪري قتل ڪيو ويو ته وري ڪڏهن جانورن وانگي وڪرو ڪيو ويو ڪڏهن بينظير ڀٽو جيان وچ چوڪ تي ماري وئي. توهان شاهه سائينءَ جي رسالي جو مطالعو ڪندو ته ان ۾ به عورت ڪئي بادشاهي تخت کي ٺڪرائيندي مارئي پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن سان محبت ڪندي نظر ايندي ڪئي نوري بادشاهه جي گهر ۾ هوندي به نماڻي نظر ايندي. اسلام ان کي گهر جي زينت بڻايو پر اڄ جي عورت کي وچ بازار ۾ ننگي ڪري بيهاريو وڃي ٿو ابن آدم جون حوس ڀريل نظرون هن جو تن تان آر پار ٿي وڃن ٿيون ان جي چادر کي ليڙون ليڙون ڪيو ويو آهي نبي پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن تو دشمن جي نيائين کي به چادر پارائي پر ان جي امت ته پنهنجن نيائين جون چادرون لاهي ڇڏيون آهن اسلام ته عورت کي پسند جو حق به ڏنو پر هن سماج ۾ جيڪڏهن ان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو ته ان کي ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو مطلب ته هر دور ۾ عورت ظلم جي چڪي ۾ پيسجندي رهي اگر ڪٿي جنگ لڳي ته به ظلم عورت جي متان، اگر نيائي پيدا ٿئي ته به طلاق جو ٽڪو عورت جي متان لڳندو آهي گهران جي لاءِ جهنم بڻايو ويندو چڻ ته پٽ ۽ ڌي عورت جي هٿ ۾ هجي. اچو اسلام جي روشنيءَ ۾ عورت کي پرکيون ۽ ان کي اهو مقام ڏيون جيڪو اسلام کيس ڏنو آهي

# سياست ۽ عوامي خدمت ۾ زندگي وقف ڪندڙ شهاب الدين منشي

**نياز وگهيو**

حيدرآباد جا پر سجي سنڌ توڙي ملڪ جي سياستدانن ۽ سماجي شخصيتن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن. جيڪي پنهنجي سڄي حياتي خلق خدا جي خدمت ۾ گذاري انساني احساس، اخلاقيات ۽ مذهبي رواداري جو خاص مثال بڻيل رهندا آهن. اهڙا ماڻهو وقت جي ڪيترن وهڪرن ۽ لاهن چاڙهن باوجود پنهنجي ماڻهن جي دلين ۾ هميشه رهندا آهن ۽ سندس حياتي جا شاندار گذاريل ڏهاڙا هميشه ٻين لاءِ اتساهه جو سبب بڻيل رهندا آهن. حيدرآباد جو سياسي ۽ سماجي شخصيت حاجي شهاب الدين منشي به اهڙن ماڻهن مان هڪ هو جنهن هميشه پنهنجي زندگي سياسي ميدان ۾ عام رواجي سياستدانن کان هٽي ڪري عوام جي حقيقي خدمت ڪئي. هن هزارن ۽ وڙان ڏڪائيل انسانن جي مدد ڪري انسانيت جو ڳاٽ اونچو ڪيو. اهوئي ڪارڻ آهي ته اڄ سندس وفات کي 5 سال گذري ويا آهن. ان جي باوجود ڪيس سياسي حلقن توڙي عام غريب بي پهچ ماڻهن جي دلين ۾ اهميت حاصل آهي. شهاب الدين منشي جو جنم 1950 ۾ محمد اسماعيل منشي جي گهر حيدرآباد ۾ ٿيو هن پنهنجي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ سچل سرمست ڪاليج ۾ شاگرد يونين جو صدر چونڊيو. ايل ايل بي پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ لا ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران شاگردن جي حقن ۽ شاگردن جي بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪنوينر چونڊيو ويو. جڏهن ته شاگردن سان هر ڏکئي گهڙي ۾ گڏ بيهي هڪ آواز ٿي عوام جا مسئلا حل ڪرايا. شهاب الدين منشي جيڪو5 سال اڳ اسان کان وڇڙي ويو آهي، حيدرآباد جي منشي خاندان جون سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي خدمتون ڪنهن کان ڳجهيون نه آهن. هي خاندان فقير منش آهي، شهاب الدين منشي مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت جو مالڪ هو سندس پڙ ڏاڏو خان بهادر نجم الدين منشي آزادي واري تحريڪ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو شهاب الدين منشي جو شمار شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو جي ويجهن ساٿين ۾ ٿئي ٿو پاڻ هميشه ملڪ ۾ جمهوريت جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري گذاري، شهاب الدين منشي، ڀٽي جي دور ۾ جڏهن شملا اشو هلي رهيو هو. ان دوران ذوالفقار علي ڀٽي مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن سان مشورا شروع ڪيا، جنهن ۾ مختلف تعليمي ادارن جي شاگرد يونين جي صدرن جي وفد کي سرڪٽ هائوس ڪراچي تي گهرايو ان وفد جي اڳواڻي شهاب الدين منشي ڪئي. جنهن دوران هن ڀٽي صاحب کي چيو ته ڀارت پاڙيسيري ملڪ آهي. ان سان ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. ان موقعي تي هن جيڪي دليل ڏنا ڀٽي صاحب ان مان متاثر ٿيو، ان کان پوءِ جڏهن به ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي گهر واري بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ حيدرآباد ۾ ايندو هو ته شهاب الدين سان ملاقات ضرور ڪندو هئو. شهاب الدين پ پ جو نظرياتي ڪارڪن رهيو جنهن پنهنجي زندگي ۾ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو ايم آرڊي دور ۾ تحريڪ شروع ٿي ته هن ڀرپور حصو ورتو هن سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ۽ ون يونٽ خلاف ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. شهاب الدين منشي هر دل عزيز شخصيت جو مالڪ هو هر وقت مهمان نواز ۽ هر ڪنهن کي محبت ڏيندڙن مان هڪ هو جنهن پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلي انهن روايتن کي برقرار رکيو. شهاب الدين منشي جون ملڪ جي وڏن اهم شخصيتن سان ملاقاتون پڻ رهيون ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو، جي ايم سيد، ملڪ جي اڳوڻي وزير اعظم عمران خان، مخدوم شاهه محمود قريشي، مولانا شاهه احمد نوراني، رسول بخش پليجو، عبدالواحد آريسر ملڪ جو اڳوڻو صدر ممنون حسين، سيد قائم علي شاهه، بشير خان قريشي، ڊاڪٽر قادر مگسي، اياز لطيف پليجو، اڳوڻو رٽائرڊ جسٽس راڻا ڀڳوان داس، چوڌري افتخار احمد، سيد ديدار حسين شاهه ۽ ٻيا شامل آهن جڏهن ته منشي هائوس حيدرآباد تي ڪيترين ئي اهم شخصيتون اينديون رهيون آهن. مرحوم شهاب الدين منشي ڪيترن ئي ماڻهن خاص طور تي غريب شاگردن جي مدد ڪندو هو هن جي هر وقت سماجي توڙي خير ۽ خيراتي وارو ڪم هلندڙ هو حيدرآباد ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ايڏي جهڙو ڪردار رکندو هو هو هڪ سچو ۽ کرو صاف دل جو انسان هو هن جي هميشه شفقت واري سوچ هئي. هو اڪثر وقتن ۾ سٺي ڪچهري ڪندو هو صحافتي ڪم ڪرڻ دوران مختلف رايا ۽ صلاح مشورا ڏيڻ سان گڏ پنهنجي اولاد جيان سمجهندو هو. پاڻ 30 اپريل 2020 . رمضان شريف جي بابرڪت مهيني جي 6 روزي تي اسان کان وڇڙي ويو. منشي خاندان پاران قائد اعظم محمد علي جناح جي چوڻ تي آزادي جي تحريڪ کي زور وٺرائڻ لاءِ حصو وٺڻ سان گڏ حيدرآباد مان هڪ اخبار هلال پاڪستان اخبار منشي عبدالشڪور شايع ڪئي. آزادي جي تحريڪ ۾ جڏهن ريشمي رومال واري تحريڪ شروع ٿي ته موجوده منشي هائوس حيدرآباد کي ڳجهو هيڊ ڪوارٽر بنايو ويو منشي عبدالشڪور حيدرآباد جو مشهور شخصيت حاجي امين الدين منشي جو فرزند هو جيڪو حيدرآباد جو چونڊيل ميئر رهيو. منشي عبدالشڪور هلال پاڪستان جو مالڪ هئڻ سان گڏ حيدرآباد جو مشهور قانوندان به هو. مرحوم شهاب الدين منشي جيڪو پاڻ هڪ سٺي لکيل، پڙهيل، ادبي ۽ سياسي خاندان سان تعلق رکڻ ڪري سندس اولاد عبدالوهاب منشي، سلمان منشي، نعمان منشي به پنهنجي والدين جي روايتن کي برقرار رکي اهائي سوچ رکن ٿا، جيڪي سندن والدين رکندا هئا.اڄ شهاب الدين منشي کي اسان کان وڇڙيئي 5 سال ٿيا آهن. پر ان جي باوجود هو اسان کان وڇڙيون ضرور آهي. پر اسان کان وسريون نه آهي. مرحوم شهاب الدين منشي جي وفات کي اڄ 5 سال ٿي ويا آهن. پر ان جو پيدا ٿيل خال ڪڏهن به نه پرجي سگهيو آهي. پر سندس وڏي فرزند فقيري طبيعت جي مالڪ عبدالوهاب منشي پنهنجي والد جي ڏسل راهه تي اڳتي هلي پاڻ مڃرايو آهي. جيئن مرحوم شهاب الدين منشي سياسي، سماجي توڙي برداري ۾ اٿڻ ويهڻ سان گڏ غريب ماڻهن سان ميل ملاقات جو سلسلو جاري رکيو آهي. اهڙي طرح عبدالوهاب منشي به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن ۾ سلمان منشي، توڙي نعمان منشي به پنهنجي والد جي پيروڪار تي هلي رهيا آهن. اڄ مرحوم شهاب الدين منشي جي ورسي جي موقعي تي سندس خاندان ۽ پوئلڳن پاران قرآن خواني ڪرڻ سان گڏ خير خيرات ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد ڪئي آهي. جنهن ۾ خاص طور تي غريبن جي سار سنڀال لهڻ واري سندن والد جي روايت کي برقرار رکندا ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ رب پاڪ جي بارگاهه ۾ اسان دعاگو آهيون ته رب ڪريم پنهنجي ڪرم نوازي سان مرحوم شهاب الدين منشي تي مغفرت عطا فرمائي.

**ورسي جي مناسب سان**

Great Shahabuddin Munshi

---

**بقايا 01**

جي پرسان ڳوٺ اسلام پور آرائين جي واٽر سپلا اسڪيم مان نامعلوم چور ٽرانسفارمر کي ٿنڀي سميت هيٺ ڪيرائي ٽرانسفارمر جون ڪوائلون چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن غلام فريد آرائين، رمضان آرائين، زاهد هنگورو، نويد آرائين، غلام رسول آرائين، عظيم آرائين، عرفان آرائين، نثار آرائين صحافين اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته پيارو اسٽيشن سيتا ۽ ڪڪڙ ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي روز ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ مان بجلي جون تارون ٽرانسفارمر چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا پر پوليس چورن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي گذريل رات به نامعلوم چور اسان جي ڳوٺ اسلام پور آرائين مان ٽرانسفارمر ويلڊنگ هجڻ ڪري ڪوائلون چورر ڪرڻ جي ارادي سان آيا جن ٽرانسفارمر کي هيٺ ڪيرائي آري بجيت سان نٽ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر چور چوري نه ڪري سگهيا ۽ هيٺ ڪيرائي اندر پيل تيل هاري فرار ٿي ويا اهڙي وارادت مان اندازو آهي هي واردات 2 کان 3 ڪلاڪ هلي هوندي پر پيارو ۽ رڪڻ پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي ڪنهن به قسم جو گشت نه ٿي ڪري جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته پوليس چورن سان مليل آهي يا چور پوليس جي پڪڙ کان ڏاڍا آهن هن وڌيڪ چيو ته اڳ ۾ به چور اسان جي هن اسڪيم جو پاڻي وارو موٽر چوري ڪري فرار ٿي ويا هيا جيڪو اسان کي واپس نه ملي سگهيو مجبورن اسان چندو ڪري ٻيو موٽر ورتو ۽ ڳوٺ جو پاڻي بحال ڪرايو ڳوٺاڻن مطالبو ڪندي چيو اسان ايس ايس پي دادو کان ڪوبه مطالبو نه ڪندا سين هو مڪمل ناڪام آهي.

**بقايا 02**

ڪنڌڙ پوليس اهلڪار دل بيهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو غوثپور پوليس ٿاڻي تي ڊيوٽي ڪندڙ خيرپور جو رهواسي پوليس اهلڪار عبدالجبار جوڻيجو دل بيهڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو غوثپور پوليس اهلڪار کي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي غوثپور جڏهن ته فوت ٿي ويل پوليس اهلڪار جو مڙهه غوثپور جي نجي اسپتال ۾ پيل آهي غوثپور پوليس ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب ڊيوٽي تي موجود هوجتي ڪيس دل بيهڻ سبب موت واقعي ٿيو آهي.

**بقايا 03**

جي رهواسي بيروزگار نوجوان طرفان سرڪاري نوڪري لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان مظهر علي ڪلهوڙو ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته آئون انتهائي غريب مسڪين آهيان. جڏهن ته مونکي ٻن ٻارن جي اولاد پڻ آهي. هن چيو ته آئون پڙهيل لکيل ميٽرڪ پاس نوجوان آهيان. جڏهن ته سال 2024ع کان وٺي سرڪاري نوڪري لاءِ مختلف وفاقي توڙي صوبائي کاتن ۾ ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. پر هن وقت تائين مونکي نوڪري ناهي ڏني وئي، جنهن سبب مان سخت پريشان آهيان ۽ منهنجي گهر جا مالي حالات پڻ خراب آهن.

**بقايا 04**

لهر، ايس ايس پي ۽ ڪمشنر سکر سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ رمضان المبارڪ جي مقدس ڏينهن دوران سکر پوليس ۽ انتظاميا جي مجرمانه خاموشي سبب رمضان آرڊيننس جون خلاف ورزيون جاري آهن. سکر جي مختلف علائقن سبزي منڊي گوليمار ڳوٺ ڪريم بخش سنڌ سوسائٽي مين روڊ سائيٽ ايريا سميت سٽي پوائنٽ روهڙي ڪسٽم ناڪي لڳ نيشنل هائيوي ۽ ٻين هنڌن جڏهن ته صالح پٽ پنو عاقل علي واهڻ باگڙجي ڍرٻها ڪانسواءِ ڪيترن ئي علائقن ۾ هوٽلن تي کلي چانهه، کاڌو ۽ مانيون ۽ ٻيون شيون وڪرو ڪيون پيون وڃن رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزين تي سکر جي مذهبي ۽ سماجي ڌرين جي اڳواڻن ۽ روزيدارن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته سکر جي مختلف اسپتالن جي ويجهو قائم هوٽلن مالڪن سکر انتظاميه کان ٻاهر اسپتال جي مريضن کي چانهه ۽ کاڌو مهيا ڪرڻ جو ڄاڻائي بيروزيدارن کي کلي عام چانهه، کاڌي پيتي جي سهولت لاءِ بندوبست ڪيو ويو آهي جيڪا رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي آهي.

**بقايا 05**

منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مجموعي طور 33 اميدوارن شرڪت ڪئي. انٽري ٽيسٽ ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بي بي قريشي جي نگرانيءَ ۾ ورتي وئي. ٽيسٽ کي صاف شفاف طريقي سان منعقد ڪئي وئي ته جيئن سڀني اميدوارن کي پنهنجي صلاحيتن ۽ قابليت جو مظاهرو ڪرڻ جو برابر موقعو ملي سگهي. پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بي بي قريشيءَ ٽيسٽ ڪاميابيءَ سان منعقد ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪندي يونيورسٽيءَ جي عملي ۽ انتظاميا جي ڪوشش کي ساراهيو. ٽيسٽ جا نتيجا جلد جاري ڪيا ويندا ۽ ڪامياب اميدوارن کي داخلائن جي ايندڙ مرحلن بابت اطلاع ڏنو ويندو.

**بقايا 06**

جي اڳواڻي ۾ رينجرس جي مدد سان هنگورجا ۾ بجلي جي باقيدارن ۽ غير قانوني بجلي استعمال ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪندي سوين ڪنڊا ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا جڏهن ته لکين روپين جي بقاياجات جي وصولي جي لاءِ غلام مصطفي. عابد حسين عبدالحئي . علي گل سڪندر غلام مصطفي . ارشاد علي کي حراست ۾ ورتو ويو هن ڏس ۾ سيپڪو انجنيئر منصور پنهور جو چوڻ آهي ته ڪروڙين روپين جي بقايات اوڳاڙي لاءِ رينجرس جي مدد سان سخت آپريشن شروع ڪيو ويو آهي جيڪي بل ادا نه ڪندا انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي جنهن ڪري باقيدارن کي گهرجي ته پريشاني ۽ قانوني ڪارروائي کان بچڻ لاءِ جلد بقاياجات ادا ڪن.

**بقايا 07**

احتجاج ڪيو. ۽ ايس ايس پي جامشورو کان چوري واپسي ڪرائڻ جو پڻ مطالبو ڪيو آهي،جامشورو ميڊيا سينٽر تي پريس ڪانفرنس ڪندي صوفي استاد قمر الدين پهنور چيو آهي ته جامشورو جي پريا وليج ڪالوني ۾ 10 ڏينهن اڳ گهر ۾ چور داخل ٿي موبائل فون ٿي ليپ ٽاپ چوري ڪري ويا جنهن جي رپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي ۽ ايس ايس پي جامشورو کي به اطلاع ڏنو آهي پر ڪو به هن وقت تائين تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي، هن معاملي جو ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي جامشورو نوٽيس وٺي منهنجي چوري ٿيل موبائيل ۽ ليپ ٽاپ واپسي ڪرائي انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

**بقايا 08**

پيرسن پاڻ خميسو لغاري ۽ غلام حسين لغاري هالا ٿاڻي تي صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته ديه بنگلو نيوويراتو ۾ اسان جي 36 ڪينٽا زرعي زمين موجود آهي جنهن تي ڪافي وقت کان ڳوٺ جي بااثرن هر هڪ عاشق، فدا حسين، امداد، رجب لغاري ۽ ٻيا ناحق قابض ٿيل آهن جنهن جي ڏانهن ڳوٺ جي وڏيرن توڙي سرڪار کي ڏٺي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪير به تدارڪ ۽ سار لهڻ لاءِ تيار ئي ناهي جڏهن ته مٿين جوابدارن هاڻ زمين ۾ پوکيل وڻ پڻ وڍائي لکين روپين جو ڪاٺ بااثرن جي پشت پناهيءَ سان آسانيءَ سان وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن جي رپورٽ ڊي ايس پي هالا ۽ ايس ايڇ او هالا وٽ داخل ڪرائي جن وڻ واڍي جي اطلاع تي بروقت سرزمين تي پهچي سوين مڻ ڪاٺ پنهنجي تحويل ۾ وٺي وڪرو ٿيڻ کان بچايو آهي.

**بقايا 09**

مان گريجوئيٽس ڪندڙ شاگردن کان ساليانين ٻيچ 9 سيشن 2025_26ع جي ڇهن مهينن جي هائوس جاب جي ڀرين ۽ ٻئي ٽرم لاءِ درخواستون گهرايون وييون آهن. جنهن لاءِ فارم 06 مارچ 2025ع اچ کان جاري ڪيا ويا آهن. فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 12 مارچ 2025ع مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته انٽرويو 17 مارچ 2025ع تي ٿيندا، پهرين اپريل 2025ع کان هائوس جاب ٽريننگ شروع ٿيندي. سمورن فارم جمع ڪرائيندڙ اميدوارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي مقرر تاريخ تائين فارم جمع ڪرائي 17 مارچ 2025ع تي صبح جو 10 وڳي پرنسيپل آفيس بيبي آصفه ڊينٽل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ ٿيندڙ انٽرويو ۾ شرڪت ڪن. انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي / ڊي اي نه ڏنو ويندو.

**بقايا 10**

اعلان ڪري ڇڏيو تفصيل موجب، پنو عاقل تعلقي مان هڪ هفتو اڳ اغوا ٿيل ٻار عابد اڃا تائين آزاد نه ٿي سگهيو، جنهن تي پنو عاقل جي عوام ۽ مغوي ٻار جي وارثن نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو آهي. هوڏانهن، سکر جي مصروف ترين علائقي، گهنٽه گهر ۽ مير معصوم شاهه مناري جي وچ تي نامعلوم هٿيارٻند جوابدارن سينئر صحافي غلام فريد سومرو جي نوجوان پٽ مختيار احمد سومرو کان 2025 ماڊل جي نئين موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿيارن جي زور تي ڦري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. ان کان علاوه، پنو عاقل ۾ به ٽي هٿياربند جوابدار عزيز انڊڙ کي فائرنگ ڪري زخمي ڪرڻ بعد سندس موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا. جڏهن ته هٿياربند جوابدار اڃا تائين پوليس جي پهچ کان ٻاهر آهن. سکر جي صحافين ۽ شهرين سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر ضلعي ۾ امن امان بحال ڪرائي. سينيئر صحافي ايف آءِ سومرو جي پٽ مختيار سومرو کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل،موبائيل فون ۽ روڪ رقم واپس ڏياري ضلعي ۾ امن قائم ڪرايو وڃي.

**بقايا 11**

فائز بااثر عملدار کاتي جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. 10 سالن کان اهم عهدي تي فائز رهي ڪرپشن جا جديد طريقا ايجاد ڪري ڇڏيا، سماجي ڌرين پاران نوٽيس جو مطالبو خبر موجب خيرپور جي سماجي اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان ناريجو، علي ڏنو، اسلم ميتلو، رياض جکڙ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ضلعو سنڌ ۾ آبادي جي لحاظ کان پهرين نمبر تي آهي پر افسوس آهي جو پاپوليشن کاتو خيرپور ضلعي ۾ وڌندڙ آبادي ۾ ڪنٽرول ڪرڻ توڙي جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ مڪمل ناڪام آهي جنهن جو خاص سبب پاپوليشن کاتي جو بااثر عملدار آهي هنن چيو ته ڪامورو اڪمل گذريل 10 سالن کان پاپوليشن کاتي خيرپور ۾ اهم عهدي تي فائز آهي آفيسر آفيس جي عملي ۽ ضلعي آفيسر سان ملي ڀڳت ڪري پاپوليشن کاتي جي افيسرن توڙي ملازمن کي ويڙا تي چڙهي، پگهارن ۽ رهتو بلن، جاڳرتا مهم کي ڪاغذي ڪارروائي ۾ ڊيڪاري، پيٽرول سميت مختلف هيڊز ۾ آيل بجيت کي چونو هڻي هرسال ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيو آهي عملدار مبينه ڪرپشن ڪري اربين روپين جون پراپرٽيون خريد ڪري ورتيون آهن پر افسوس آهي جو نيب، اينٽي ڪرپشن هن ڪرپٽ عملدار خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهي سماجي اڳواڻن صوبائي وزير پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سيڪريٽري پاپوليشن سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاپوليشن کاتي خيرپور مان ڪرپشن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ ڪرپشن ۾ ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

**بقايا 12**

سال 2023ع ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي تعمير جو ڪم ڪنٽريڪٽر کي ڏنو ويو هو. جيڪو هڪ سال گذرڻ باوجود اڃا تائين اڌورو پيل آهي. صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت درخواست گذار جي شڪايت جو نوٽيس وٺندي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس لاڙڪاڻو ڊويزن کان وضاحت طلب ڪئي. جنهن جي جواب ۾ هن صوبائي محتسب سنڌ کي آگاهه ڪيو ته اسڪول جي عمارت جي تعميراتي ڪم کي بحالي ۽ غيرميسر سهولتن جي فراهمي واري اسڪيم ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ان تي بشمول ٽي اضافي ڪلاس رومز جو تعميراتي ڪم جاري آهي. جيڪو جون 2025ع تائين مڪمل ٿي ويندو. صوبائي محتسب سنڌ جي حڪم تي جاچ آفيسر شڪايت ڪندڙ سان گڏ اسڪول جي عمارت جو معائنو ڪيو. جنهن ڪانپوءِ شڪايت ڪندڙ صوبائي محتسب سنڌ جي سهڪار تي ٿورا مڃيا. ٻئي طرف تعلقو لطيف آباد حيدرآباد جي رهواسي طالب حسين پنهنجي درخواست ۾ ڄاڻايو ته گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول عدل نوراني اقبال شاهه ڪالوني گذريل پنجن_ڇهن سالن کان غلط استعمال هيٺ آهي ۽ اسڪول تي خانگي ماڻهن قبضو ڪري ڇڏيو آهي.

**بقايا 13**

مهينن کان آفيس اچڻ ۽ ڪال اٽينڊ ڪرڻ ڇڏي ڏنو ڳوٺاڻا: تفصيل مطابق تعلقي گمبٽ جي ڪهڙا ڳوٺن سان ۾ قائم ڳوٺ ريڊير ۾ انساني سهولتن جو فقدان ڳوٺ ۾ ڪيترن مهينن کان بجلي جون مين يارهن هزار لائين جون تارون چورن ۽ بجلي جي ملازمن گڏجي لاهي کپائي ڇڏيون آهن ۽ گذريل هڪ سال کان ڳوٺ ۾ بجلي اڻ لڀ آهي اهڙي ريت سوئي گئس جو پريشر به نه هئڻ جهڙو آهي ڳوٺ جي سولر اسٽريٽ لائيٽ به گذريل ٻن سالن کان سار سنڀال نه هجڻ سبب خراب آهي ۽ ڳوٺ اونده جي ور چڙهيل آهي ڳوٺ ۾ صفائي سٿرائي لاءِ ڪي به جوڳا بندوبست نه آهي گندي پاڻي جي نيڪالي سبب ڳوٺ ۾ ڪاري ڪامڻ سائي ۽ جيئري جون انيڪ بيمارين منهن ڪڍيو آهي ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻي جو به شديد فقدان آهي هتان جي ڳوٺاڻن وسيم امجد رياض ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڏاهيندي چيو ته ٽائون ڪهڙا جو چئرمن سندن فون ڪال به اٽينڊ نه ٿو ڪري انهن تڪ جي ايم ارن اي محترم نعيم احمد ڪرل ايم اين اي سيد جاويد شاهه ڊي سي خيرپور سي ايم سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڳوٺ جا بنيادي مسئلا فورن حل ڪيا وڃن ته جيئن ڳوٺاڻن مان بيچيني ختم ٿي سگهي

**بقايا 14**

هولڊرن شاگردن جي نتيجن ۾ ڦير ڦار ڪري سنڌ جي شاگردن نوجوانن کي مايوس ڪري ڇڏيو آهي جيڪا وڏي ناانصافي آهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پنهنجا نوازي برقرار رکندي منهنجي پوزيشن هولڊر پٽ ڊاڪٽر ارسلان سهتو ميرٽ جي لتاڙ ڪندي نتيجن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ بعد ناڪامياب قرار ڏئي وڏي زيادتي ڪئي آهي جڏهن ته منهنجو پٽ ڊاڪٽر ارسلان سهتو بورڊ انٽر ۾ پوري پاڪستان ۾ ٻئي پوزيشن حاصل ڪئي هئي جنهن جي تصوير اچ به آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج خيرپور جي وال آف فيم تي تصوير لڳل آهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن باشعور ۽ سٺي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن کي روزگار جو موقعو ڪسي وڏي زيادتي ڪري چڪي آهي سنڌ جي شاگردن ۾ سخت مايوسي پکڙجيل آهي هن وڌيڪ چيو ته منهنجو پٽ ڊاڪٽر ارسلان سهتو سنڌ جي نالي واري يونيورسٽي ڊائو مان ايم بي بي ايس جي ڊگري ۾ سٺيون مارڪون به پڻ ڪئيون آهن ان جي باوجود به سنڌ پبلڪ سرورس ڪميشن ميڊيڪل آفيسر لاءِ 900 سيٽون هجڻ باوجود به منهنجي پٽ کي نتيجن مان ڪڍي ناانصافي ڪئي آهي جنهن سبب سخت مايوسي جو شڪار ٿي ويا آهيون اچ به سنڌ پبلڪ سرورس ڪميشن ۾ پنهنجا نواز قائم ڪئي وئي آهي جيڪو ڪروڙين روپيا ڏئي ٿو ان کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ڪامياب قرار ڏئي ٿي جيڪا سرعام ميرٽ جي لتاڙ آهي ۽ سنڌ جي شاگردن لاءِ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي سنڌ پبلڪ سرورس ڪميشن ميرٽ جو جنازو ڪڍي رهي آهي جيڪو عمل انتهائي خراب آهي هن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته سنڌ پبلڪ سرورس ڪميشن ۾ ويٺل رشوت خور آفيسر کي برطرف ڪري ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ته جيئن منهنجي پٽ سميت ٻين سنڌ جي شاگردن کي پنهنجو حق ملي سگهي.

**بقايا 15**

۽ ٻيو سامان رکي پيادل هلڻ وارن لاءِ رستا بند ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب ٽريفڪ سميت روزاني زندگي متاثر ٿي رهي آهي. تجاوزات سبب شهر جي مشهور ۽ مصروف تجارتي بس اسٽاف چونڪ جهڙوڪ مين بازار صدااهه چونڪ ، چانڊني چونڪ ، بس اسٽاف شاهي بازار، سيد مرادشاهه روڊ باءِ پاس روڊ سميت ٻين علائقن ۾ ٽريفڪ جام معمول بڻيل آهي. پيادل هلندڙ ماڻهون خاص ڪري عورتون، ٻار ۽ بزرگ روڊن تي هلڻ تي مجبور آهن جيڪو ڪنهن به وقت ڪنهن حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ شهرين جو چوڻ آهي ته نوشهروفيروز انڪروچمينٽ ڊپارٽمينٽ حد دخلين جي خاتمي بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي. غير قانوني قابضين بنا ڪنهن خوف جي پنهنجون سرگرميون جاري رکيون آهن. جڏهن ته لاڳاپيل عملدار ڪنهن به عملي قدم کڻڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن.

**بقايا 16**

نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو جي صدر ايڊووڪيٽ اظهر عباس سولنگي، نائب صدر ايڊووڪيٽ نورالدين مهيسر، ايڊووڪيٽ جاويد گوپانگ، ايڊووڪيٽ ساجد مهيسر، ايڊووڪيٽ محمد عاشق ڏامراهه، ايڊووڪيٽ جاويد ٻليدي ۽ ٻين چيو ته چيو ته سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪاهڻ واري عمل کي اسين سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ جي برابر سمجهون ٿا، جڏهن ته هي منصوبو سنڌ جي زرخيز زمينن کي بنجر بڻائڻ ۽ سنڌ جي معيشت کي تباهه ڪرڻ جي هڪ منظم سازش آهي، جيڪا سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو. هنن چيو ته 26 هين آئيني ترميم عوامي مفادن جي ابتڙ آهي، جنهن سان عدالتي نظام کي نقصان رسيو آهي، جيڪڏهن سياسي ماڻهو جڄن جون پرٽيون ڪندا ته عدليه ڪڏهن به آزاد نه رهي سگهندي.

**بقايا 17**

بيت المال جن جي هدايتن تي خيرپور ۾ رمضان ڪريم دسترخوان سجايو ويو آهي، پاڪستان بيت المال ضلعي خيرپور جي ڊپٽي ڊائريڪٽر بلال احمد پيرزادو ۽ لائيف چيننجنگ فائونڊيشن جي انچارج ڊاڪٽر منار شر جن جي گڏيل سهڪار سان خيرپور جي مختلف علائقن ڦول باغ، ايس او ايس ويلج سوئيٽ هوم، شيلٽر هوم، مسجدن ۽ مدرسن ۾ روزانو جي بنياد تي 700 روزيدارن کي افطار فراهم ڪرڻ لاءِ دسترخوان لڳائو پيو وڃي. ان موقعي تي سماجي اڳواڻن عنصر ستو، پروين شيخ، سينيئر اسڪائوٽس ليڊر لياقت ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان بيت المال ۽ لائيف چيننجنگ فائونڊيشن جي سهڪار سان افطار دسترخوان سجايو ويو آهي جتي سوين غريب، بي پهچ، ڏهاڙيدار، مسافرن ۽ مريضن سميت شهرين کي افطاري جي سهولتون فراهم ڪري عوام خدمت جي تاريخ رقم ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ بلال پيرزادو ۽ ڊاڪٽر منار شر ، سوئيٽ هوم جي ڪلارڪ بابر جيهو ۽ سندن ٽيم جون خدمتون قابل تعريف آهن.

**بقايا 18**

عورتن پاران ڪپڙا ڌوئڻ دوران بيهڻ واري معمولي ڳالهه تان ساند ۽ دوها برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. ڏڙي پرسان ڳوٺ علي مير شاهه ۽ ڳوٺ اسحاق دوهو جي آمهون سامهون رهندڙ ڳوٺاڻن وچ ۾ بچاري ڪينال جي ڪپر تي بيهڻ تان جهيڙو ٿيو. جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا. 4 زخمين کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو جڏهن ته ٻي ڌر جي 6 زخمين کي سجاول اسپتال نيو ويو. زخمين ۾ مولو ساند، مقبول ساند، گلاب ساند، سليم ساند، ابو دوهو، مارو دوهو، پوڙهو دوهو، حاجي دوهو ۽ ٻيا شامل آهن. ان سلسلي ۾ پوليس ذريعن موجب جهيڙي جو ڪارڻ پنجاري ڪينال جي ڪپر تي عورتن پاران ڪپڙا ڌوئڻ دوران بيهڻ واري معمولي ڳالهه تان ٿيو. جنهن کان پوءِ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو. جنهن سبب سخت ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، اطلاع تي ڏڙو ۽ ٻيلو پوليس طرفان وڌيڪ امڪاني رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ پوليس مقرر ڪئي وئي، ٻئي طرف معمولي ڳالهه تان رتوڇاڻ جي ور چڙهيل ٻنهي ڌرين جا ڪيس ڏڙو ۽ ٻيلو ٿاڻي تي داخل ڪيا ويا آهن.

**بقايا 19**

پاڪ جو فرمان ته منهنجي وصال بعد رات جو ڪنيو وڃي جيئن جنازي ميت تي به ڪنهن غير جي نظر نه پوي، امڙ خاتون جنت شهزادي ڪونين رضي الله تعالي عنها پاڪيزه سيرت مبارڪ پوري دنيا جهان لاءِ اهو پيغام عظيم آهي ته پنهنجي نيائين، ڀينرن کي حياءُ، شرم پردي جو درس ڏيئي پابند ڪيو وڃي ته عورت جو ناڻ ٿي پردو، شرم ۽ حياءُ آهي، اسان کي گهرجي ته اسين شهزادي ڪونين زهري بتول رضي الله تعالي عنها جي پاڪيزه ۽ مقدس سيرت پاڪ جو غور سان مطالعو ڪري شرم حياءُ پردي داري ۾ زندگي گذاريون. اهڙيون ڳالهيون سنڌ جي نالي واري مشهور درگاهه شهيد عبدالرحمان هاشمي رح جي گادي نشين پير مخدوم نذير احمد هاشمي خاتون جنت رضي الله تعالي عنها ڪانفرنس ۾ ڪندي ڪيو

**بقايا 20**

ملڻ گهرجن. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته مزدورن کي پنهنجي مزدوري جو پنهنجو پورو اجورو نٿو ڏنو وڃي. جيڪا مزدور طبقي سان زيادتي آهي. اهڙو اظهار هن سيسي هيڊ آفيس ۾ سي بي اي يونين اڳواڻن کي چارٽر آف ڊمانڊ سال 2023 ۽ 2025 واري نوٽيفڪيشن ڏيڻ دوران ڪيو سيسي ڪمشنر سنڌ مياندادا راهوجو چيو ته مزدور طبقي لاءِ صوبي ۾ جديد صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته سيسي جي هر اسپتال ۾ مزدورن کي صحت جون سهولتون بهتر فراهم ڪري سگهون. مزدورن کي صحت جون جديد سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ لمس سان معاهدو ڪري رهيا آهيون جنهن سان مزدور طبقي کي وڏو فائدو پهچندو مهانگيون ٽيسٽون مفت ڪيون وينديون. هن چيو ته منهنجا دروازا مزدورطبقي لاءِ 24 ڪلاڪ کليل آهن مزدور طبقو پنهنجا جائز مسئلا بنا ڪنهن خوف جي اچي مونکي ٻڌائي سگهي ٿو سندن جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. ان موقعي تي سي بي اي يونين جي صدر احمد نواز سميجو چيو ته سال 2023 ۽ 2025 جي چارٽر آف ڊمانڊ جي منظوري ڏيڻ تي اسان پورهيتن واري صوبائي وزير عبدالسلام ٿهيم سيسي ڪمشنر مياندادا راهوجو، وي سي سڪندر بلوچ ڊائريڪٽر ايڊمن نادر ڪناسرو گورننگ باڊي جي سڀني ميمبرن جا شڪر گذار آهيون جنهن اسان جي چارٽر آف ڊمانڊ 2023 ۽ 2025 جي منظوري ڏني. سيسي هيڊ آفيس ۾ سيسي ڪمشنر سنڌ مياندادا راهوجو پاران چارٽر آف ڊمانڊ سال 2023 ۽ 2025 واري نوٽيفڪيشن سي بي اي يونين جي اڳواڻ احمد نواز سميجو حوالي ڪيو ويو.

**بقايا 21**

کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار، سيپڪو جي قرضن جي وصولي لاءِ بجلي چوري ڪندڙن خلاف آپريشن جاري رهندو. ايڪسين ڪاشف قريشي،ان سلسلي ۾ سکر اليڪٽرڪ پاور سپلاءِ ڪمپني سيپڪو جو سکر ۾ بجلي چورين ۽ نااهلن خلاف ڊسٽرڪٽ پوليس، ايف آءِ اي ۽ رينجرز سان گڏجي سيپڪو واجبات جي وصولي لاءِ گڏيل آپريشن جاري آهي گذريل ڏينهن سيپڪو ٽيم ايڪسين سيپڪو ڪاشف قريشي ۽ ٻين لاڳاپيل ڪاٽن جي عملي سان گڏجي سيپڪو جي لکين روپين جي واجبات وصول ڪرڻ لاءِ سکر ورڪشاپ روڊ، نصرت ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ گهرن تي ڇاپا هنيا ۽ واجبات جي ادائيگي نه ڪرڻ تي ڄڻن کي گرفتار ڪري پوليس حوالي ڪيو ڪيترن ئي غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽ ڪري تارون به ضبط ڪيون ويون آپريشن جي اطلاع تي علائقي ۾ بجلي چوري ڪندڙن کي پريشان ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ايڪسين سيپڪو ڪاشف قريشي جو چوڻ هو ته سيپڪو چيف جي هدايتن تحت ايف آءِ اي پوليس ۽ رينجرز جي مدد سان بجلي جي رهڻن جي وصولي ۽ بجلي چوري روڪڻ لاءِ گڏجي آپريشن شروع ڪيو آهي

**بقايا 22**

عمل جاري آهي،ان سلسلي ۾ سکر جي علائقي نيو پنڊ ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني ۾ نيڪال جو پاڻي مفلوج ٿيڻ جي شڪايت ۽ نشاندهي تي انتظاميا متحرڪ ٿي وئي آهي گذريل ڏينهن يو سي پنج وارڊ نمبر هڪ ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني ۾ گذريل هڪ مهيني کان نيڪال جو پاڻي جو نظام مفلوج ٿيڻ تي ميئر سکر، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين، يو سي چيئرمين جي خاص هدايتن تي يو سي وارڊ ڪائونسلر علي گل ڳڏائي جي نگراني ۾ صفائي عملدارن هيوي مشينري ذريعي نالين کي صاف ڪري فعال بڻائي علائقي ۾ نالين جي نيڪال جو نظام بهتر بڻائڻ لاءِ نالين جي صفائي جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ عملدارن طرفان نالين جي نيڪال جو ڪم شروع ڪرايو جنهن تي رهواسين چونڊيل عوامي نمائندن طرفان هڪ مهيني کان بند نالين جي صفائي جو ڪم شروع ڪرڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

**بقايا 23**

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. عورتن مسمات خورشيد ڏاهري، مسمات وصل ڏاهري ۽ ٻين جي اڳوائيءَ ۾ احتجاج ڪندي چيو ته اسان جو ڀاءُ راڻو ڏاهري پنهنجي ٻارڙن کي اسڪول ڇڏي پنهنجي ڳوٺ اچي رهيو هو ته ڳوٺ جي بااثر جوابدارن متل ڏاهري، نعمت الله ڪليم الله خالق، پريل ۽ ٻين ڪيس رستي تي روڪي ڪهاڙين جا وار ڪري ڪيس مرٽيننگ ڪري ڇڏيو آهي جيڪو سول اسپتال حيدرآباد ۾ ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ داخل آهي. هن چيو ته ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل هجڻ باوجود اڃا تائين پوليس هڪ به جوابدار کي گرفتاري ناهي ڪيو جنهن سبب مذڪورا جوابدار اسان جي گهرن تي حملو ڪري جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.

**بقايا 24**

رپيه بجليءَ جي بلن جي مد ۾ وصول ڪيا ويا، جڏهن ته ناجائز ڪنيڪشن پڻ ڪاٽيا ويا ۽ ڪيترائي ٽرانسفارمر پڻ لاٿا ويا. آپريشن جي نگراني انجنيئر سيپڪو نوشهروفيروز سيد شاهد حسين شاهه، ايس ڊي او سيپڪو محراب پور فهيم موجائي، ايل ايس جان محمد ڪونڊر، ايل ايس ذوالفقار نانگور ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا. ان سلسلي ۾ سيپڪو انجنيئر نوشهروفيروز سيد شاهد حسين شاهه ٻڌايو ته باقيدارن ڏانهن ڪروڙين رپيه بجليءَ جي بلن جي مد ۾ رهتون آهن جيڪي وصول ڪري ناجائز ڪنيڪشن ڪاٽيا آهن

**بقايا 25**

۽ شاندار مقابلن جو سلسلو جاري آهي. اڄ ٿيندڙ ٻن اهم ميچن ۾ شير سنڌ ۽ جميل شاهه جي ٽيمون ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته سنڌو ديش ۽ الواحد کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. سنڌ بمقابلا سنڌو ديش پهريون مقابلو شير سنڌ ۽ سنڌو ديش جي وچ ۾ ٿيو، جتي شير سنڌ جي ٽيم بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي 10 اوورن ۾ 142/6 جو شاندار اسڪور ناهيو. علي رضا رند 37، ممتاز جت 36 ۽ ڊيدار خواجه 31 رنسون ناهي ٽيم کي مضبوط پوزيشن ۾ آندو. جواب ۾ سنڌو ديش جي ٽيم گهربل 143 رنسن جو حدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ۽ مقرر اوورن ۾ 107/7 اسڪور ڪري 35 رنسن تان شڪست کاڌي. شير سنڌ جي بالر معشوق علي جاڙو شاندار بالنگ ڪندي 2 اوورن ۾ 13 رنسون ڏئي 4 وڪيٽون ورتيون، جنهن تي ڪيس مين آف دي مئچ قرار ڏنو ويو. جميل شاهه بمقابلا الواحد ٻئي مقابلي ۾ جميل شاهه جي ٽيم جارحاڻي انداز ۾ بيٽنگ ڪندي 152/6 جو وڏو اسڪور ناهيو. جنهن ۾ شاهجهان ڪتي 22 بالن تي 66 رنسون ناهي بهترين اننگز کيڏي. علي ڪتي به 6 بالن تي 22 رنسون ناهي ٽيم جي مجموعي اسڪور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جواب ۾ الواحد جي ٽيم بهترين شروعات باوجود 95/5 ناهي سگهي، ۽ 57 رنسن تان شڪست کاڌي. شهيد فدا حُسين خشڪ جي نالي سان رٿيل ٽورنامنٽ هي نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ شهيد فدا حُسين خشڪ جي ياد ۾ رٿيو ويو آهي، جنهن ۾ رانديگر پنهنجون صلاحيتون ڏيکاري رهيا آهن. ڪرڪيٽ جا مداح وڏي انگ ۾ اسٽيڊيم پهچي رهيا آهن ۽ مقابلا ڏسڻ لاءِ جوش ۽ جذبو ڏسي سگهجي ٿو ور سپر ليگ جا ايندڙ مقابلا به انتهائي اهميت وارا هوندا، جتي ٽيمون اڳتي وڌڻ جي اميدن تي فيصلو ٿيندو. ڪرڪيٽ جي شوقينن لاءِ هي ٽورنامنٽ وڏي دلچسپي جو سبب بڻجي ويو آهي!

**بقايا 26**

ڪندي الزام هنيو ته جامشورو جي بااثر سليمان راجڙ، ذوالفقار شورو ۽ سندن حمايتن اسان جي 12 ايڪڙ زمين ۽ سرڪاري پڊي جي 42 زمين وڪرو ڪري هاڻ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته اسان خلاف ڪورٽ يا ڪيس ڪيو ته توهان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏينداسين هن چيو ته ڄاڻايل ماڻهو بااثر آهن ۽ اهي مختلف ماڻهن جي زمينن تي قبضي ڪندا آهن هن چيو اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري مختلف وقتن تي اچي اسان کي تنگ ڪن ٿا ڪڏهن ته اسان ڪورٽ مان به زمين جو ڪيس کٽي آيا آهيون پر بااثر ته ان فيصلي کي به نٿا مڃن جنهن ڪري اسان خوف ۾ ورتل آهيون. هن آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي جامشورو کان گهر ڪئي ته ڄاڻايل بااثرن کان اسان جي جان کي خطرو آهي ڪين تحفظ ڏياري سندن زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي.

**بقايا 27**

سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي ريلوي ورڪر يونين جي اڳواڻن غلام عباس لغاري، مولابخش ريحان بخش ۽ ٻين چيو ته گذريل ٽن مهينن کان ريلوي يونين جي ڪجهه ملازمن جون پگهارون بند آهن جنهن لاءِ مختلف وقتن تي احتجاج به ڪندا رهيا آهيون هنن چيو ته رمضان جو پلارو مهينو به اچي ويو پر سندن پگهارون بحال نه ٿي سگهيو آهن جڏهن اسان جي پگهار 37 هزار آهي پر اسان کي 32 ڏني وڃي ٿي جيڪا وڏي انصافي آهي هنن چيو پگهارون نه ملڻ ڪري گهرن ۾ فاڪاڪشي واري صورتحال آهي، هنن مطالبو ڪيو ته سندن مهينن جون مڪمل پگهارون ڏنيون وڃن جيئن جوشين واري عيد ملهائي سگهون

**بقايا 28**

جي هڪ هزار فوٽن تي بااثر هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري اسڪول جا ڪمرا ڊهرائي ڇڏيا آهن ۽ مون کي مختلف وقتن تي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن جن مان مونکي جان جو خطرو آهي هن جي چوڻ بااثر مون گرفتار ڪري ڪيتراڻي ڪلاڪ نجي جڳهه ۾ بند ڪري هاف فرائي جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو مونکي انصاف فراهم ڪيو وڃي ان لاءِ مون عدالت جو دروازو پڻ کڙڪايو آهي هوڏانهن اسڪول جي هيڊ ماسٽر ممتاز گاڏهي، استاد اسلم گاڏهي،عمران ڪونهارو چيو ته محمد سليمان لغاري پاران اسڪول جي معاملن ۾ مداخلت ۽ استادن کي حراسان ڪرڻ ڪري تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ٻارڙا پڻ پريشان ٿين ٿا هنن مطالبو ڪيو ته هن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ سندس خلاف سڌو ڪيس داخل ڪيو ويندو ۽ معصوم ٻارڙن کي رستن تي آندو ويندو

**بقايا 29**

اٿارٽي به رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ ڪاڌ خوراڪ جي قيمتن اچانڪ واڌ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهي منافعي خورن پنهنجي مرضي جا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا ڊي سي سانگهڙ جي طرفان بيرائي شهر ۾ لڳايل بچت بازار به ناڪام شهرين جو ڊي سي سانگهڙ کان ترت نوٽس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجه پاران برڪت جي مهيني ماهه رمضان المبارڪ ۾ ڪاڌ خوراڪ جي شين جي قيمتن ۾ واڌ نوٽس وٺڻ لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪري تمام واپارين کان مطالبو ڪيو ۽ واپارين سان ميٽنگ پڻ ڪئي ۽ ماهه رمضان ۾ ذخيره اندوزن ۽ بليڪ تي شيون وڪڻندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي سرڪاري لسٽ تي پڻ عمل ڪرايو ويندو اهڙي طرح اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪار کي پڻ هدايت ڪئي روزانو جي بنياد تي هر شهر جو دورو ڪري وڌيڪ قيمتون وٺڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪري ڪين ڏنڊ هنيا وڃن سرڪاري قيمتن تي عمل ڪرايو وڃي سرڪاري اگهه پڻ جاري ڪيا ويا دال مونگ 350 في ڪلو دال مونگ ٻه نمبر 340 روپيا، دال مسور 250 روپيا، دال چڻا 250 روپيا ڪلو دال متر 270 روپيا ڪلو مونگ ثابت 340 روپيا في ڪلو ننڍا چڻا 330 روپيا في ڪلو

**بقايا 30**

اختيار ڪري ويو آهي. وارابندي سبب پوڇڙ وارن علائقن تائين پاڻي پهچي نه سگهيو، جنهن ڪري واهن ۽ شاخن مان واري اڏامڻ لڳي آهي. پاڻيءَ جي کوٽ سبب هزارين ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. خاص طور تي گهوڙاٻاري ۽ آسپاس جي علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ سبب رهواسي سخت پريشان آهن. چوپائي مال ۽ جهنگلي جيوت به سخت متاثر ٿي رهي آهي، ڪيترائي پکي ۽ جانور اُڃ سبب تڙپي رهيا آهن. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته پاڻيءَ جي کوٽ جو بنيادي سبب ناقص واٽر مئنيجمينٽ آهي. وارابندي جي پاليسي سبب هيٺاهين وارن علائقن تائين پاڻي نه ٿو پهچي. زراعت تباهه ٿي رهي آهي، پاڻي نه هجڻ سبب زرعي زمينون بنجر بڻجي رهيون آهن. جڏهن ته مڇي مارڻ وارو ڌنڌو به سخت متاثر ٿي رهيو آهي. علائقي واسين حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ پاڻيءَ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ٻي صورت ۾ گهوڙاٻاري، کاڙهو، ڪيٽي بندر ۽ ٻيا ساموندي علائقا رهڻ لائق نه رهندا. اختيارين کي گهرجي ته فوري طور تي پاڻيءَ جي فراهمي لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن، ته جيئن بحران تي ضابطو آڻي سگهجي!

**بقايا 31**

عرصي کان هلندڙ بدامني جي لهر بند ٿيڻ بجاءِ ان ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويو آهي ان باوجود ايس ايس پي خيرپور پاران ڪو به تحرڪ نه ورتو ويو آهي . هن ڏس ۾ شاهه جي مشين، سينارجا لنڪ روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن ڳوٺ پليڏنو سهتو جي سامهون سينارجا واسي نوجوان ثناءُ الله سهتو کان موٽر سائيڪل ، روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا . ٻي وارداتن ۾ نامعلوم چور ڳوٺ پليڏنو سهتو مان عطا محمد سهتو جي گهر مان موٽر سائيڪل جڏهن ته عبدالرسول سهتو جي گهر مان 2 پلوڙ نسل جون ٻڪريون چوري ڪاهي فرار ٿي ويا . هوڏانهن هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ مسلسل ڌوهارين جي سرگرمين کي پوليس روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي وئي آهي جنهن ڪري رهواسي مڪمل طور تي عدم تحفظ جا شڪار ۽ ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيا ويا آهن.

**بقايا 32**

سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي شرڪت چوٽياريون (رپورٽ سيد لعل خان شاهه ) نارا چوڪي جي نائب مڪ خليفي سيد امام الدين شاهه، سيد شهاب الدين شاهه، سيد حسام الدين شاهه، ۽ سيد حسين شاهه جي والده، جڏهن ته ضلعي ميمبر سيد سلام شاهه جي ڏاڏي، وفات ڪري وئي، مرحوم جي جنازي نماز چوٽياريون ۾ ميان مبين رحمت الله عليه جي قبرستان واري جنازه گاهه ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي سياسي، سماجي، ۽ مذهبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ خليفو محمد رحيم هڱورو، نائب خليفو عرس چانڊيون، فقير ابوبڪر مگريو، فقير ڪبي سمون، سيد مشتاق علي شاهه، سيد علي گوهر شاهه، سيد لياقت شاهه،فقير علي اڪبر جوڻيجو، عاشق فقير ستيرائي، چيئرمين يوسي چوٽياريون فقير مبارڪ وارث راڄڙ ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪري سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪئي.

**بقايا 33**

اداڪاره ڪرينه ڪپور ۽ سيف علي خان جي جوڙي بالي ووڊ جي خوشحال جوڙين مان هڪ جوڙي مڃي ويندي آهي جنهن 2012 ۾ شادي ڪئي ۽ هن وقت ٻنهي جا 2 پٽ تيمور ۽ جي آهن. ڀارتي ميڊيا موجب سشيل ڪمار سنگهه نالي ڀارتي نجومي طرفان جوڙي جي وچ ۾ ڌار ٿيڻ جي حوالي سان حيران ڪندڙ اڳڪٿي ڪئي وئي آهي جنهن سيف ۽ ڪرينه جي مداحن کي ڳڻتي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. تازو ئي سشيل ڪمار سنگهه پنهنجي انٽرويو ۾ سيف ۽ ڪرينه جي لاڳاپن بابت ڳالهائيندي چيو ته سيف ۽ ڪرينه ايندڙ ڏيڍ سال دوران ڌار ٿي ويندا. ڀارتي نجومي انهي جوڙي جي ڌار ٿيڻ تي 2010 ۾ ڪيل پنهنجي اڳڪٿي کي ياد ڪندي چيو ته مون 2010 ۾ پنهنجي بلاگ ۾ لکيو هو ته اها شادي اڳيان نه هلندي ڇوته اهو سيف علي خان ۽ ڪرينه ڪپور جي ڪنڊلي ۾ لکيل آهي. ياد رهي ته تازو ئي سيف علي خان تي ان جي ممبئي واري رهائشگاهه ۾ حملو ڪيو ويو جنهن دوران سيف علي سخت زخمي ٿي پيو هو، جنهن کان پوءِ اداڪار جي ڀارت جي ليلاوتي اسپتال ۾ سرجري ڪئي وئي. ڊسچارج ٿيڻ کان پوءِ سيف علي طرفان پنهنجي گهر ڀاتين جي حفاظت يقيني بڻائڻ جي لاءِ اضافي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون ويون آهن. انهي حملي بابت سشيل ڪمار سنگهه چيو ته اهو اندروني معاملو ٿي سگهي ٿو. شايد اهو معاملو حل نه ٿئي، ڏيڍ سال دوران سيف ۽ ڪرينه ۾ طلاق ممڪن آهي. جيترو به ڏٺايو وڃي ڪنڊلي صاف ٻڌائي رهي آهي ته ٻنهي وچ ۾ عليحدگي ضرور ٿيندي. ڀارتي نجومي طرفان ڪيل اڳڪٿي ۽ ڀارتي ميڊيا جي خبرن تي اداڪار جوڙي يا ان جي خاندان طرفان ڪنهن به قسم جي رد عمل جو اظهار نه ڪيو ويو آهي.

**بقايا 34**

باهه وڪوڙي وئي، جنهن جون خبرون چوٽياريون پريس ڪلب تان مختلف اخبارن ۾ ڇپجڻ بعد انساني حقوق جي اڳواڻ غلام رسول ٻهڻ نوٽيس ورتو سندس اڳوائي ۾ متاثرن جي مدد لاءِ مقامي سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين پاران اڄ لنڪو ۽ بشير اسٽاپ تي چندو گڏ ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويو، امدادي مهم ۾ فقير غلام رسول ٻهڻ، سيٺ عزيز ڪنڀر، ماجد ستار، قاري نجيب الله لغاري، قاري نبي بخش لغاري، ۽ سماجي ڪارڪن ميهر لغاري سرگرم نظر آيا. چندي مهم دوران 52,000 رپيا گڏ ڪيا ويا. جيڪي متاثر خاندان جي حوالي ڪيا ويا ته جيئن هو پنهنجن بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن. مقامي ماڻهن سرڪار کان مطالبو ڪيو آهي ته باهه متاثرن جي بحالي لاءِ ترت مدد فراهم ڪئي وڃي.

**بقايا 35**

گنري، 10 فيبروري تائين پگهارون نه ٿيڻ تي احتجاج جو چتاءُ ان سلسلي ۾ سول اسپتال سجاول جي رينبر سروس ملازمن کي گذريل پنج مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف گذريل ڏينهن رينبر سروس ملازمن جي زمان لغاري، آفاق عمراڻي، عبدالجبار پنهور، بلاول ٻارڙ، ذوالفقار ميمڻ ۽ فياض آرائين جي اڳوائي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، گڏجاڻي ۾ ملازمن چيو ته اسان پنهنجي نوڪري ايمانداري سان ڪري رهيا آهيون، پر گذريل پنج مهينن کان اسان کي پگهارون نه ڏنيون ويون آهن. هنن چيو ته پگهارون نه ملڻ ڪري اسان سخت تڪليفن واري زندگي گذاري رهيا آهيون. رينبر سروس ملازمن جي گڏجاڻي ۾ يڪجهتي طور پيپلز پيرا ميڊيڪل اڳواڻ محبت خان لغاري ۽ پاڪستان پيرا ميڊيڪل 041 اڳواڻ نياز ميمڻ به شرڪت ڪري رينبر سروس ملازمن کي يقين ڏياريندي چيو ته جيڪڏهن رمضان ۾ سندن پگهارون نه ٿيون ته هو سائين هر محاذ تي گڏ هوندا. گڏجاڻي ۾ ملازمن پاران طئي ڪيو ويو ته ايندڙ سومر 10 فيبروري تائين ڪين پگهارون نه ڏنيون ويون ته احتجاج جو اعلان ڪندا.

**بقايا 36**

پريس ڪلب نوشهرو فيروز مان ٿيل چوري خلاف سنڌ صحافتي اتحاد پاران نيشنل پريس ڪلب جي صدر اير ظفر تگڙ، پريس ڪلب جي صدر محمد يونس راڄپر، جنرل سيڪريٽري علي نواز سولنگي، پاڪستان پريس ڪلب جي صدر جي اير ميراڻي، جنرل سيڪريٽري اياز ملڪ، عوامي پريس ڪلب جي دين محمد تگڙ، ايس يو پي جي خادم سيال، پ پ شهيد ڀٽو جي خالد چانڊيو، ضمير لنڊ، ضمير وسطڙو، افضل منگي، علي بخش ٻوهيو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ٿيل مظاهري جي موقعي تي اڳواڻن چيو ته پوري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ بدامني جو راڄ آهي. صحافين ۽ شهرين جو چوريون عروج تي آهن ۽ پوليس مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي. هنن چيو ته هڪ هفتو اڳ صحافي بلاول امجد جون 2 موٽر سائيڪلون گهران چورايون ويون ۽ اڄ رات نيشنل پريس مان چور تالا ڪٽي ايل سي ڊي، بيٽري، سولر پليٽ، ڊي ايس ايل آر ڪئميرا، سي سي ٽي وي ڪئميرا سميت ٻيو قيمتي سامان چورائي ويا آهن. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن 10 مارچ تائين ٿيل چوريون واپس نه ٿيون ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

**بقايا 37**

تيز ٿي ويو آهي. ٻيلي کاتي جي رينج آفيسر ڪارروائي ڪندي ڪاٺ سان ڀريل ٻه سوزوڪي پڪ اپ تحويل ۾ ورتيون ۽ ست ڄڻن کي گرفتار ڪيو پر چند ڪلاڪن اندرئي مبينا طور لکين رپين جي ڏيتي ليتي بعد آزاد ڪري ڇڏيو. مقامي ذريعن موجب، ٻيلي کاتي جي عملدارن ۽ اثر رسوخ رکندڙ ڌرين وچ ۾ ڳجهي ناهه بعد غيرقانوني ڪاٺ جي واپارين کي بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي جي آزاد ڪيو ويو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ٻيلي کاتي جا عملدار صرف ڏيکاءُ لاءِ ڪارروائي ڪن ٿا، جڏهن ته حقيقت ۾ غيرقانوني ڪاٺ واپارين سان ڳجها ناهه ڪري سندن تحفظ ڪندا آهن. ساموندي پٽيءَ جي ٻيلي علائقن ۾ اڳ ئي وڻن جو خاتمو تيز ٿي چڪو آهي. خانگي ٻيلو گهوڙاٻاري ۽ پرياسي جي ماحولياتي توازن لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿو. پر ڪرپٽ آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب روزانو قيمتي وڻ ڪٽجي وڪرو ڪيا پيا وڃن. ماحولياتي ماهرن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ٻيلي کاتي جي ملي ڀڳت سان ٿيندڙ غيرقانوني واپار کي روڪڻ لاءِ سخت قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ سالن ۾ شديد ماحولياتي بحران پيدا ٿي سگهي ٿو. مقامي ماڻهن ٻيلي کاتي جي ڪرپشن خلاف احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته رينج آفيسر عبدالغفور سيال کي فوري معطل ڪيو وڃي، غيرقانوني ڪاٺ وڪرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي، ٻيلي کاتي ۾ موجود ڪرپٽ مافيا خلاف شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ خانگي ٻيلي کي محفوظ بڻائڻ لاءِ سرڪاري سرپرستي ۾ اثرائتا قدم کنيا وڃن. هوڏانهن، ٻيلي کاتي جي عملدارن هن معاملي تي خاموشي اختيار ڪري ڇڏي آهي. علائقي جي عوام جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن جلد ڪارروائي نه ڪئي وئي ته هو احتجاجي تحريڪ هلائي ٻيلي کاتي جي نااهل عملدارن خلاف ڪارروائي لاءِ دٻاءُ وڌائيندا.

**بقايا 38**

ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. عدالت ايڊووڪيٽ جنرل، جاچ آفيسر ۽ فريادي کي 25 مارچ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. پوليس جو چوڻ هو ته راجا اظهر 12 مارچ 2023 تي لانڍي ۾ رياست ۽ حڪومت خلاف احتجاج ڪيو. پوليس جو چوڻ آهي ته راجا اظهر ماڻهن کي رياست ۽ حڪومت خلاف ڀڙڪايو. درخواستگذار راجا اظهر جي وڪيل ظهور محسود چيو ته هي ڪيس ٺهي ئي نٿو بغاوت جي ڪيس ۾ وفاقي يا صوبائي حڪومت فريادي هوندي آهي. وڪيل چيو ته هن ڪيس ۾ پوليس فريادي آهي، هي بغاوت جو ڪيس نٿو ٺهي، وڪيل چيو ته دهشتگردي توڙ عدالت قانوني تقاضا پورا ڪرڻ بغير راجا اظهر جي بريت جي درخواست رد ڪري ڇڏي.

**بقايا 39**

پوليس جي ڪارروائي ٻه منشيات فروش گرفتار، ٻنهي منشيات فروشن جي قبضي مان 08 ولائتي شراب وسڪي جون بوتلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي ٻنهي منشيات فروشن خلاف ڌار ڌار ايف آئي آر داخل ڪرڻ تفصيل موجب: ايس ايس پي مٽياري فيصل بشيرميمڻ جي هدايتن تي ڊي ايس پي نيوسعيدآباد منظور حسين لڪي جي اڳوائيءَ ۾ ايس ايڇ او نيوسعيدآباد شاهه الزمان چانڊيو جي اسٽاف سميت ٻچل شاهه سي اين جي پرسان ڪامياب ڪارروائي ٻه منشيات فروش ارشاد احمد پٽ رمضان رند 04 بوتلون ولائتي شراب خالد پٽ الياس عرف لڪاڏنو ماڇي جي قبضي مان 04 بوتلون ولائتي شراب وسڪي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي ٻنهي منشيات فروشن خلاف سرڪار جي فرياد تي منشيات ايڪٽ تحت نيوسعيدآباد پوليس اسٽيشن تي ڌار ڌار ايف آئي آر داخل ڪري ورتي آهي.

**بقايا 40**

مقابلي ۾ ٻه سرگرم ڌوهاري مارڻ جي دعويٰ ان ڏس ۾ گذريل خميس واري رات دير سان نئون ديرو ٿاڻي جي حد باءِ پاس وٽ لاڙڪاڻو پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ جلباڻي گينگ جا ٻه سرگرم ڌوهاري صدام جلباڻي ۽ وجاهت عرف واجو جلباڻي موقعي تي ئي مارجي ويا. ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري صدام جلباڻي ۽ وجاهت عرف واجو جلباڻي ڦر، ڌاڙن، اغوا، قتل ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا. جن تازو نئون ديرو شهر ۾ فائرنگ ڪري هندو واپاري سنتوش ڪمار ۽ لاڙڪاڻي ۾ سنجي ڪمار کي قتل ڪرڻ سان گڏ هڪ نوجوان رونق آهوجه کي زخمي ڪيو هو. جيڪي اڄ مقابلي ۾ مارجي ويا آهن. جڏهن ته مارجي ويل ڌوهارين جا ڪجهه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. جن جي گرفتاري لاءِ اسان جون ڪاروايون جاري آهن. جن کي پڻ جلد گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو.

## عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهو کي اطلاع ٿو ڪجي تہ اسان جي آفيس ۾ اختر علي ولد عبدالقدوس سهتو پاران فوتي کاتي جي تبديلي لاءِ بہ شاهدن جي روبرو درخواست جمع ڪرائي آهي شاهد 1 مولا بخش ولد محمد نوح سهتو ويٺل ڳوٺ سليمان سهتو شاهد 2 محمد جمن ولد عبدالفتاح سهتو ويٺل ڳوٺ موليڏنو سولنگي جن ساک تي بيان ڏيندي چيو آهي تہ فوتڻ مسمات آمنت ڌي محمد رمضان سهتو زال عبدالقدوس سهتو ويٺل ڳوٺ موليڏنو سولنگي جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) ممتاز علي ولد عبدالقدوس سهتو فوتڻ جو پٽ (2) اختر علي ولد عبدالقدوس سهتو فوتڻ جو پٽ (3) زوبيده ولد عبدالقدوس سهتو فوتڻ جي ڌي (4) مسمات زرينا ولد عبدالقدوس سهتو فوتڻ جي ڌي (5) خالده خاتون ولد عبدالقدوس سهتو فوتڻ جي ڌي فوتڻ جا مٿيان جائز وارث آهن جڏهن تہ فوتڻ جا ماءُ پيءُ ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي فوت ٿيڻ کان پهريان فوت ٿي چڪا آهن جيڪڏهن مٿين وارثن کان علاوہ ڪو بہ وارث آهي تہ ست ڏينهن جي اندر روبرو اچي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي

بحڪم : مختيار ڪار نوشهروفيروز

**بقايا 01**

سنڌس گهر واري تي موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جو حملو حملي ۾ زڪريا ٿهيم زخمي، سول اسپتال مڪلي ۾ داخل. مڪلي ٿاڻي تي حملي آور جوابدارن خلاف اين سي داخل. ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ اچي ناهي سگهي، ان سلسلي ۾ زخمي ٿيل نئي شهر جي درگاه شاه گوهر لڳ ڪچي آبادي جي رهواسي پيرسن ذڪريا ٿهيم سول اسپتال مڪلي ۾ صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو تہ هو پنهنجي گهرواري سان گڏ مڪلي عيد گاه ويجهو رستي تان وڃي رهيا هئا تہ چچ جهان خان جي ڳوٺ محمد حسين ٿهيم جي رهواسي موٽر سائيڪل تي سوار ٽن ڄڻن جن ۾ ستار نياز ۽ جبار ٿهيم سنڌن رستو روڪي مٿن لوهي سيخن، لوهي سرين سان حملو ڪري ڪيس زخمي ڪرڻ بعد ڇڏي فرار ٿي ويا، جن خلاف مڪلي ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي، پر پوليس اڃان تائين حملي آورن جوابدارن کي گرفتار ڪري ناهي سگهي.

**بقايا 02**

طرفان جعلي چيڪ ڏيڻ جو ڏوھ ثابت ٿيڻ تي جوابدار وسيم پٽ وزير حسين ميرائي جي ضمانت رد ڪري ڪيس هڪ سال سزا ٻڌائي ڇڏي آهي، جنهن بعد لاڳاپيل ٿاڻي جي پوليس جوابدار کي حراست ۾ وٺي جيل اماڻي ڇڏيو آهي. ياد رهي تہ گذريل 28 مئي تي ٿاڻيل جوابدار طرفان لاڙڪاڻي شهر جي نيو بهار پور علائقي واسي شهري غلام شبير جتوئي کي ڪوڙو چيڪ ڏنو هو، جنهن کان پوءِ متاثر شهري پاران مارڪيٽ ٿاڻي تي اهڙو ڪيس داخل ڪرايو هيو. جنهن ڪيس جي ٻڌڻي اڄ سول اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ 2 جي جج جي عدالت ۾ ٿي گذري جتي ڏوھ ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي هڪ سال جي سزا ٻڌائي وئي آهي.

**بقايا 03**

ٻڪريون چوري ڪرڻ روز جو معمول بڻائي ڇڏيو، جنهن ڪري ماڻهو سخت پريشان. جن چورن خلاف ڪاروائي ڪري وڌيڪ نقصان کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ جنگشاهي لڳ ڪوهستاني پٽي جي رهواسي ڏتار ستار برفت صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو آهي تہ جنگشاهي جي ڪوهستاني پٽي ۾ ٻڪري چورن رڻ باري ڏنو آهي، هن چيو تہ ڪيس پڻ چورن ڪوهستاني پٽي ۾ ٻڪريون چاريندي ڏينهن ڏٺي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندس اکيون ٻڌي سندس قيمتي ٻڪرا چوري ڪري ويا، هن چيو تہ چورن اهو روز جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي. چورن جي ڪافي پيرا جنگشاهي پوليس وٽ نشاندهي ڪئي آهي، پر پوليس چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءِ جي ڏتارن کان ٻڪريون ڪسي ڪين نقصان پهچائي رهيا آهن.

**بقايا 04**

مهانگائي جي ڪاري طوفان غريب طبقي جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، دڪاندارن پاران پنهنجا مصنوعي اگهہ قائم ڪندي اٽو کنڊ، چانهہ جي پتي جي اگهن ۾ اچانڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ سرڪاري ريٽ لسٽون نہ هئڻ ڪري دڪان مافيا غريب ماڻهن کي ٻنهي هٿ سان ڦرڻ لڳا آهن. ٻئي پاسي سبزي جي اگهن جي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ اهي بہ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ مرغي، وڏو گوشت، ننڍو گوشت، مڇي، داليون جڏهن تہ سبزين ۾ ٽماٽا، پيندي، بصر پٽاٽا، فروٽ ۾ سبزين جا ريٽ چوٽ چڙهي ويا آهن سرڪار جي ڪا بہ رٽ نہ هئڻ سبب منافعي خور واپاري پنهنجي مرضي جا ريٽ مقرر ڪري غريب شهرين کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ ڏڙو جي شهرين، واپارين، سياسي سماجي اڳواڻن اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، علي رضا ميمڻ، اسلم سومرو، جاويد ميمڻ، نواز سومرو، امتياز آڪاش ۽ ٻين پاڪ سان ڳالهائيندي چيو تہ حڪومت مهنگائي جو طوفان برپا ڪري عوام جي وات مان ماني جو گراهہ کسي ورتو آهي.

**بقايا 05**

دور ۾ جديد سهولتن تعليم صحت صفائي ۽ ترقياتي رٿائن کان محروم آهي ڳوٺ گلزار ٽيبو جا سوين اسڪولي شاگرد عمارت جي زبون حالي سبب خيمن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن روڊ رستا تباهہ ۽ برباد ٿي چڪا آهن ڳوٺ ۾ ڪوبہ بيسڪ هيلٿ يونٽ نہ آهي آسپاس جي ڳوٺن جا هزارين ماڻهون سخت مشڪلات مان گذري رهيا آهن ڳوٺ کي انتقامي ڪاروائي جو نشانو بنايو ويو آهيب ڳوٺ گلزار ٽيبو جي رهواسين ميڊيا اڳيان ڏانهيندي ٻڌايو تہ وقت جي حاڪمن 2010 کان وٺي هن ڳوٺ کي هٿ سان بنيادي سهوليتن کان محروم ڪيو آهي جنهن ۾ نہ صفائي نہ صحت ۽ نہ وري اڄ تائين اسڪول جي پراڻي عمارت کي ڊاهي نئين عمارت ناهي ڏني وئي آهي ڳوٺائن موجب هي ڳوٺ تاريخي حيثيت رکي ٿو جنهن کي انتقامي سياست جي ورچاڙهي ڪنهن بہ مسئلي تي توجهہ ڏئي حل ناهي ڪيو ويو جيڪا انساني ناتي سان هڪ ستم ظريفي آهي.

**بقايا 06**

واري عمل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ صوبي جي صحت جي شعبي ۾ گورننس کي بهتر بڻائڻ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد هڪ اعليٰ سطحي اجلاس دوران وڏي وزير صحت کاتي جي اهم ڪارڪردگي اشارن جو جائزو ورتو ۽ صحت جي خدمتن ۽ بهتر صحت خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن لاءِ عالمي معيار حاصل ڪرڻ جا هدف مقرر ڪيا. اجلاس ۾ وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، محتسب سنڌ سهيل راجپوت، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهہ، سيڪريٽري نالو فياض جتوئي، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ ۽ سيڪريٽري پاپوليشن حفيظ عباسي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ هيٺيان اهم گهرجن تي بحث ڪندي منظور ڏني وئي: ڪميونٽي جي رسائي ۽ معمول جي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ کي وڌائڻ: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ سنڌ ۾ موجوده روٽين اميونائيزيشن ڪوريج 69 سيڪڙو آهي. 95 سيڪڙو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت 2025_26 تائين 5500 ليڊي هيلٿ ورڪرن (LHWs) ۽ ڪميونٽي هيلٿ ورڪرن (CHWs) کي ڀرتي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. انهن ورڪرن کي 5250 طبي ڪٽ ۽ آئي ٽي سامان فراهم ڪيو ويندو جنهن ۾ جي پي ايس ٽريڪنگ سان گڏ موبائل فون بہ شامل آهن. ان کان علاوہ 3500 ويڪسينيٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جهڙوڪ ڪولڊ چين انجنيئر ۽ سافٽ ويئر انجنيئر ڀرتي ڪيا ويندا. هن قدم تحت 21084 ڊوائيسز فراهم ڪيون وينديون جن ۾ گرمي پد جي نگراني جا آلات، فرج جا ٽيگ، موبائل فون، سم ڪارڊ ۽ موٽر سائيڪلون شامل آهن. منصوبي جي هڪ اهم حصي ۾ 2028_29 تائين 2.8 ملين ويڪسينيشن جي هدف کي پورو ڪرڻ لاءِ HPV ويڪسين متعارف ڪرائڻ. 35 ڊويزنل سينٽرن ۾ سولرائيزيشن جي عمل سميت ڪولڊ چين ۽ فضلي جي انتظام شامل آهن. غذائي خدمتن کي وڌائڻ (2025_29): وڏي وزير 2025_26 تائين 11 اضافي غذائيت جي استحڪام مرڪز (اين ايس سي) ۽ 714 نوان آئوٽ پيشنٽ ٿراپيوٽڪ پروگرام (او ٽي پي) سائيٽس قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني. هن قدم جو مقصد پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارن 1.24 ملين غذائي ڪوٽ جو شڪار ٻارن جو علاج ڪرڻ آهي. غذائي خدمتن ۾ استعمال لاءِ تيار علاج واري خوراڪ (RUTF)، F_75 ۽ F_100 سپليمينٽس شامل هوندا جڏهن تہ 17 استحڪام مرڪزن کي آپريشنل سپورٽ فراهم ڪئي ويندي. حفاظتي قدمن ۾ مائرن ۽ نوجوان نياڻين لاءِ جيت مار دوائون، آئرن ۽ فولڪ ايسڊ سپليمينٽس ۽ کير پيارڻ جي صلاح مشورا شامل هوندا ايندڙ 30 مهينن دوران 1440 آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويندا جن جو هدف 2025_26 ۾ 360 آهي. غير متعدي بيمارين (NCDs) جي روڪٿام ۽ ڪنٽرول: ذيابيطس، هائي بلڊپريشر ۽ ٻين غير متعدي بيمارين جي وڌندڙ ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير فيصلو ڪيو تہ ثانوي سطح جي صحت جي سهولتن تي اسڪريننگ يونٽ قائم ڪيا ويندا.

**بقايا 07**

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ سرڪار جو هيءُ قدم سنڌ سرڪار جي عوام دوست پاليسي جو حصو آهي، جنهن جو مقصد عوام کي بنيادي ضروري شيون سستي اگهہ تي فراهم ڪرڻ ۽ وچولي ۽ گهٽ آمدني واري طبقي کي مهانگائي جي اثرن کان محفوظ رکڻ آهي. هن چيو تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي پهرين اوليت آهي. بچت بازارن جو قيام انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي تہ جيئن عوام تي مهانگائي جو بار گهٽائي سگهجي. انهن بازارن ۾ عام واهپي جون شيون گهٽ قيمت تي ميسر هونديون تہ جيئن عام ماڻهو جي مشڪلاتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت انهن بازارن جي شفافيت ۽ انتظامي نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع قدم کنيا آهن. هر بازار ۾ سرڪاري عملدار مقرر ڪيا ويا آهن تہ جيئن قيمتن تي نظر رکي سگهجي ۽ ڪنهن بہ قسم جي ناجائز منافع خوري، ذخيره اندوزي يا بدانتظامي کي فوري طور روڪي سگهجي. هن واضع ڪيو تہ ناجائز منافع خوري ۽ بدانتظامي کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو حڪومتي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ قيمتن جي استحڪام ۽ شين جي معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ بچت بازارن جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. عوام انهن بازارن مان ڀرپور فائدو وٺي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ قسم جي شڪايت هجي تہ سڌي ريت لاڳاپيل عملدارن تائين پهچائين.

**بقايا 08**

ڪانفرنس ڪوٺائي آهي جتي سنڌ جا ساڃاءَ وند ڪئنالن جي نقصان بابت ڳالهائيندا. جسقم (بشير خان قريشي) جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي متياري پريس ڪلب تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ پيپلزپارٽي گذريل سترن سالن کان مال غنيمت سمجهي لٽي رهي آهي پهريان سنڌ جا ادارا ڪرپشن ڪري ڪاٿي تباهہ ڪيائون پوءِ سنڌ ۾ هڪ پيرو ٻيهر ڌاڙيل ڪلچر قائم ڪيائون ۽ هاڻي اسان جو جياپو سنڌو درياءُ بہ وڪرو ڪيو ويو آهي. هن چيو تہ درياءَ سنڌ جي وڪري ڪانپوءِ سنڌ دنيا جو وڏي کان وڏو ريگستان بڻجي ويندي پاڻي جي ڍڪ لاءِ بہ سڪي مرنداسين ٻئي طرف درياءَ جو مٺو پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ نہ ڪيو ويو تہ ڪراچي سميت سنڌ جي ساحلي پٽي وارا سمورا شهر سمنڊ ڳڙڪائي ويندو صدر زرداري اسٽيبلشمينٽ کان 60 ايم اين اي جون سيٽون وٺي سنڌو درياهہ وڪڻي ڇڏيو آهي هڪ تہ پيپلزپارٽي ڪئنالن واري مسئلي تي آواز نٿي اٿاري مٿان وري ڪئنالن واري مسئلي تي سنڌ حڪومت جدوجهد ڪندڙ سنڌ دوست ڌرين تي گوليون هلائي رهي آهي جنهن جي جيتري بہ مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو تہ سنڌ جو عوام هاڻي ٻاهر نڪري زرداري ۽ انهن جي ساٿارين خلاف مزاحمت نہ ڪئي تہ ڌرتيءَ جي گولي تان سنڌ جو نالو نشان ختم ٿي ويندو.

**بقايا 09**

پلاٽن جي غير قانوني الاٽمينٽ خلاف داخل درخواست تي ٻڌائي ڪئي. عدالت چيف سيڪريٽري سنڌ، سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. عدالت چيو تہ توهان سڀني رڪارڊن سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي اصل نقشا بہ پيش ڪيو اهي پلاٽ اسان کي مليل نقشي ۾ ناهن. عدالت ۾ ڪينٽونمينٽ بورڊ جواب جمع ڪرائيندي چيو تہ جيڪو اسان کي نقشو مليو آهي انهي ۾ اهي پلاٽ ناهن. ڪينٽونمينٽ بورڊ جواب جمع ڪرائيندي چيو تہ ڊي سي اوپر 1998 ۾ 60 فٽ روڊ تي 13 پلاٽ الاٽ ڪيا هئا. وڪيل درخواستگذار سعيد الزمان چيو تہ عدالت 2019 ۾ حڪم امتناعي جاري ڪيو هو. درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ عدالت جي حڪم باوجود غير قانوني الاٽمينٽ ختم نہ ڪئي وئي آهي.

**بقايا 10**

جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي تہ اها سنڌ صوبي لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پرنٽنگ ميوزيم مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلن ۾ آهي. جلد ئي ان جو افتتاح ڪيو ويندو ۽ ميوزيم عام ماڻهن لاءِ کوليو ويندو. هن اها ڳالهہ پرنٽنگ پريس جي دوري جي موقعي تي ڳالهائيندي چئي. ان موقعي تي پرنٽنگ ۽ اسٽيشنري کاتي جو ڪنٽرولر فهيم قريشي ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. ڪنٽرولر فهيم قريشي صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو کي بريفنگ ڏيندي چيو تہ قديم مشينن کي خوبصورتي سان محفوظ ڪيو ويو آهي

**بقايا 11**

جاويد باجوہ کان پڇو وڃي تہ انهن دهشتگردن کي پاڪستان ۾ ڇو ترسايو. پارليامينٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خواجہ آصف چيو تہ دهشتگردي سڄي دنيا جو مسئلو آهي، جنهن کي گڏجي حل ڪرڻو پوندو. دهشتگردي روڪڻ ۾ ناڪامي ڏسڻ لاءِ پهريان ڪي پي ڪي حڪومت جي انڪوائري ٿيڻ گهرجي. عمران خان طرفان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي خط لکڻ بابت سوال تي وفاقي وزير جو چوڻ هو تہ پهريان خط پاڪستان ۾ لکيا ويندا هئا هاڻ انهن کي عالمي درجو ڏنو ويو آهي، پهريان جيڪو خطن جو حشر ٿيو هو هنن خطن جو بہ ساڳيو ئي حشر ٿيندو. هن چيو تہ مان ڪنهن کي مشورو نہ ڏيندو آهيان، اهي مشوري کان متاثر آهن. هنن ماڻهن جا جادو منتر جا مشورا ٿي سگهن ٿا بہ ٻئي ڪابہ ڳالهہ نٿي ٿي سگهي، خواجہ آصف چيو تہ مفاهمت جي سياست اتي ٿيندي آهي جتي ٻئي ڌر حملي آور نہ هجي، مان اسٽيبلشمينٽ جي نمائندگي يا انهن جي طرفان ڪابہ ڳالهہ نہ ڪري رهيو آهيان جيڪڏهن مفاهمت نہ ٿئي تہ پوءِ اوهان کي مزاحمت جي سياست ڪرڻ گهرجي.

**بقايا 12**

ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو آهي پوليس موجب نوجوان غلام مصطفا شاهہ پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪرڻ ڪانپوءِ پستل جا فائر خودڪشي ڪئي آهي ڪيس ٽن ٻارڙن جو اولاد آهي جيڪو اصل ڪنڊيا ڪاهي جو رهواسي ۽ دڪان تي مزدوري ڪري گذر ڪندو هو.

**بقايا 13**

جي شاگردن تي پوليس تشدد خلاف شمس الدين پتو، ثاقب علي پنڊ، آصف گوپانگ، پانڌي چانديو، وزير ميمڻ، آصف گوپانگ، شيراز لنڊ، نثار ٻاٽ ۽ ٻين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو، مظاهرين چيو تہ 6 ڪروڙ سنڌين جو جياپو سنڌو درياهہ آهي سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڏينداسين چولستان جون لکين ايڪڙ زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي زمينن کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هن چيو تہ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن تي پوليس جي تشدد جو نوٽيس ورتو وڃي شاگردن مٿان داخل ڪيس ختم ڪيو وڃي.

**بقايا 14**

ٿي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪمپيوٽيشنل لنگوئسٽڪس (حسابي لسانيات) تي تحقيق ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويئي، ٻنهي اڳواڻن قدرتي طور وجود ۾ آيل ٻولي توڙي اُن جي سيبن جي ترقيءَ تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ اپاءُ ۾ مدد ملي سگهي. ملاقات دوران وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ڪمپانيءَ يقين ڏياريو تہ جلد ئي سنڌ يونيورسٽي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ وچ ۾ تعاون لاءِ هڪ باضابطہ مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) تيار ڪري ان تي صحيحون ڪيون وينديون. ڄاڻايل سهڪار ۽ معاهدي جي ذريعي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۽ انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنس جي شاگردن کي عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگويج انجنيئرنگ ۾ خاص تربيت حاصل ڪرڻ جي سهولت فراهم ٿيندي.

**بقايا 15**

۾ خطرناڪ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ڳڀرو نوجوانن جون حياتيون ضايع ٿي ويون آهن حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ سرحد پرسان ڳوٺ علي نواز ٽانوري جي رهواسين علي اڪبر ٽانوري ۽ امان الله ٽانوري طور ٿي آهي. اطلاعن موجب، علي اڪبر ٽانوري ۽ امان الله ٽانوري موٽرسائيڪل تي سوار ٿي وڃي رهيا هئا تہ ٻيرلوءِ بائي پاس تي تيز رفتار ٽرالر ڪين زوردار ٽڪر هنيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي نوجوان ٿڏي تي فوت ٿي ويا. حادثو ايترو خوفناڪ هو جو موٽرسائيڪل مڪمل طور تباهہ ٿي وئي، جڏهن تہ فوت ٿيل نوجوانن جا لاش رستي تي پيل رهيا حادثي بعد مقامي ماڻهو وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهچي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيا، جتي ضروري ڪارروائي بعد فوتين جا لاش سندن وارثن حوالي ڪيا ويا. لاش گهر پهچڻ تي سندن گهر ۾ ڪهرام مچي ويو گهر ڀاتين جي روڄ راڙي سبب سڄو ماحول سوڳوار بڻجي ويو مقامي ماڻهن موجب تہ بائي پاس تي تيز رفتاري ۽ لاپرواهي سبب ڪيترائي حادثا ٿي چڪا آهن پر انتظاميا ان سلسلي ۾ ڪو بہ قدم نٿي کڻي، جنهن سبب انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن

**بقايا 16**

سرا ڪرن عمراڻي بازياب نہ ٿيڻ خلاف سنڌس ساٿي خواجہ سرائن پاران ٽڪنڊي هوٽل کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي خواجہ سرا صنم شاهہ ۽ ليلا بلڊي ڪري رهيا هيا. احتجاجي ريلي ڪيندڙ خواجا سرا هٿن ۾ بينر کڻي پنهنجن ساٿي خواجا سرا جي بازيابي لاءِ نعريبازي ڪندا تاڙيون وڄائيندا استار چوڪ پهتا جتي مختصر احتجاجي مظاهري بعد قومي شاهراهہ پهتا جتي هنن قومي شاهراهہ تي احتجاج ڪندي روڊ کي ٻنهي پاسن کان بند ڪري ڇڏيو، خواجہ سرائن جي احتجاج سبب قومي شاهراهہ بند ٿي ويو ۽ ملڪ جي مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون، ان موقعي تي خواجہ سرائن جو چوڻ هيو تہ فقير ڪرن ميراڻي کي اغوا ٿئي هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي پر پوليس صرف دلاسا پئي ڏئي، ڪرن فقير جي آزادي تائين احتجاج جاري رهندو. احتجاج جو اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او طاهر دايو احتجاج واري هنڌ پهچي خواجا سرائن سان ڳالهيون ڪيون جنهن بعد قومي شاهراهہ ڪوليوويو ياد رهي تہ لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ غائب ٿيل ڪرن فقير جي مبينا اغوا بعد سنڌس ساٿي خواجا سرائن جي مسلسل احتجاجن بعد ڪرن فقير جي اغوا جو ڪيس خواجا سرائن جي هڪ ٻئي ٽولي جي گرو ۽ انهن جي ساٿين مٿان داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ ٽي خواجا سرا گرفتار ٿيل آهن پر اغوا ٿيل ڪرن فقير جو اڃان تائين ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو.

**بقايا 17**

: ڳوٺ محمد صابر اوڳاهي ۾ نوجوان وقار احمد اوڳاهي گهرو اڻبڻت تان ڳلي ۾ لوئي اوڍي پاڻي جي تلاءِ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو غوثپور : اهڙو اطلاع ملندي ئي سنڌس جا گهر ڀاتي واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش پاڻي مان ڪڍي ورتو غوثپور : نوجوان جو لاش پاڻي جي تلاءِ مان ڪڍي گهر نيو ويو جتي سنڌس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

**بقايا 18**

سميت ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث سنڌ پوليس جي رٽائرڊ آفيس سپريٽنٽ گلزار علي سوهو کي ڪراچي جي ملير ڪينٽ ٿاڻي جي پوليس ڪاروائي ڪندي سنڌس گلستان جوهر واري گهر مان گرفتار ڪري ورتو آهي. ان سلسلي ۾ پوليس ذريعن جو چوڻ آهي تہ ڄاڻايل جوابدار گلزار علي سوهو ۽ سنڌس ساٿين فهد علي سميت ٻن نامعلوم جوابدارن مٿان ملير ڪينٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل هو. جنهن تي پوليس ڪاروائي ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن تہ جوابدار کان پڇاڳاڇا دوران هن ڪيترن ئي ڏوهن جو اعتراف پڻ ڪيو آهي ۽ هن جي موبائيل فون مان مختلف ڏوهي سرگرمين جون شاهديون پڻ مليون آهن. جن ۾ پوليس کاتي ۾ موجود ڪاريون رڍون بہ ملوث آهن. جيڪي هن کي سپورٽ ڪندا هئا. جنهن کي پوليس لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو آهي. جتي عدالت ڪيس جسماني رماند تي پوليس حوالي ڪيو آهي. ياد رهي تہ سنڌ پوليس جو رٽائرڊ آفيس سپريٽنٽ گلزار علي سوهو لاڙڪاڻي شهر سميت سنڌ جي مختلف شهرن سان واسطو رکندڙ بيروزگار نوجوانن کان مبينا طور نوڪريون وٺي ڏيڻ جي بهاني سان لکين روپيا وٺڻ بعد ڪراچي فرار ٿي ويو هو جنهن کي ڪجهہ مهينا اڳ ايف آءِ اي سکر جي ٽيم پڻ گرفتار ڪيو هيو جيڪو بعد ۾ ضمانت تي آزاد ٿيو هو ۽ سنڌس مٿان هن وقت بہ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن جن ۾ هو روپوش آهي.

**بقايا 19**

ٿيل مقتول وقار علي مشوري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان مشوري برادري جو احتجاج ڪيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي مقتول جو پيءُ محمد سلطان مشوري، ذوالفقار مشوري، پرويز مشوري، اعجاز مشوري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو تہ 20 ڏينهن اڳ شهر جي سبزي منڊي ۾ سريعام مقتول وقار علي مشوري کي 4 هٿياربندن قتل ڪيو هن جوابدارن قيوم پتو، قاسم پتو کي پوليس گرفتار ڪيو جڏهن تہ بہ جوابدار رزاق پتو ۽ آصف پتو سريعام گهمي رهيا آهن اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پوليس جوابدارن سان ڌر بڻيل آهي نوشهرو فيروز ٿاڻي جي پوليس جوابدارن کان جاچ ڪرڻ بدران جيل حوالي ڪري ڇڏيا آهن هنن اعلا اختيارين کان گهر ڪئي تہ جوابدار گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

**بقايا 20**

ايف پي سي سي آءِ لانچ پيڊ پاڪستان جو افتتاح ڪري ڇڏيو جنهن ۾ ملڪ جي معاشي مستقبل کي جوڙڻ ۾ نوجوانن جي ڪاروبار ۽ جدت جي اهم ڪردار تي زور ڏنو ويو. فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (ايف پي سي سي آءِ) پاران منعقد ڪيل هن تقريب ۾ ايف پي سي سي آءِ جي صدر عاطف اڪرام شيخ، سينئر نائب صدر ثاقب فياض، معزز سفير، قونصل جنرل، ڪمرشل اتاشي ۽ سرڪاري ۽ خانگي شعبن جي نمائندن شرڪت ڪئي. سينئر اطلاعات وارو وزير شرجيل ميمڻ، وزير پي اينڊ ڊي ناصر شاهہ ۽ گهرو وزير ضياءالحسن لنجار پڻ وڏي وزير سان گڏ هئا. وڏي وزير پنهنجي خطاب ۾ ايچ اي سي سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي پروگرام ۾ هڪ بحث دوران منصوبي سان ڳنڍيل يادن کي تازو ڪندي هن قدم لاءِ پنهنجي مضبوط حمايت جو اظهار ڪيو هن ان ڳالهہ تي روشني وڌي تہ لانچ پيڊ پاڪستان جو مقصد نوجوان واپارين، جدت پسندن ۽ بصيرت رکندڙن کي بااختيار بڻائڻ آهي تہ جيئن اهي سيڙپڪارن سان نوان ۽ جديد خيالن جي پيروي ڪري سگهن. هن ايف پي سي سي آءِ جي واکاڻ ڪئي تہ هن هڪ اهڙو پليٽ فارم فراهم ڪيو جيڪو تعليمي ۽ صنعت جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪري ٿو حقيقي دنيا جي معاشي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪاروبار ۽ يونيورسٽين جي وچ ۾ تعاون کي فروغ ڏئي ٿو هن چيو تہ هي قدم نہ رڳو معاشي ترقي کي تيز ڪندو پر اهو پڻ يقيني بڻائيندو تہ اسان جو تعليمي نظام اسان جي معيشت جي وڌندڙ ضرورتن سان مطابقت رکي ٿو سنڌ جي وڏي وزير ننڍن ۽ وچولي درجي جي ادارن (ايس ايم ايز) جي اهميت تي زور ڏنو انهن کي معيشت جي ريڙهہ جي هڏي قرار ڏنو. هن زور ڏنو تہ لانچ پيڊ پاڪستان ايس ايم ايز کي مالي مدد ۽ سيڙپڪاري جا موقعا فراهم ڪندو. انهن جي آپريشن کي وڌائڻ ۽ معاشي ترقي کي هلائڻ ۾ مدد ڪندو. درآمدي دارومدار کي گهٽائڻ لاءِ مقامي جدت جي صلاحيت کي اجاگر ڪندي هن نشاندهي ڪئي تہ پاڪستان درآمدات تي پرڏيهي ناڻي جي متاستا جو هڪ وڏو مقدار خرچ ڪري ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ اسان جي لاڳاپيل صنعتن ۾ سيڙپڪاري ۽ نواڻ کي هٿي وٺرائڻ سان اسان گهريلو پيداوار کي مضبوط ڪري سگهون ٿا، نوڪريون پيدا ڪري سگهون ٿا ۽ معاشي ترقي وڌائي سگهون ٿا. مراد علي شاهہ يونيورسٽين، واپارين ۽ سيڙپڪارن تي زور ڏنو تہ اهي لانچ پيڊ پاڪستان ذريعي فعال طور تي شامل ٿين ۽ ان جي موقعن مان فائدو وٺن. هن سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجايو تہ هو هن قدم جي مڪمل حمايت ڪندي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جي مطابق جدت تي ٻڌل معاشي تبديلي کي اڳتي وڌائيندي. آخر ۾ هن ايف پي سي سي آءِ ٽيم کي سندن ڪوشش تي مبارڪباد ڏني ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو تہ لانچ پيڊ پاڪستان ايندڙ سالن ۾ اهم فائدا حاصل ڪندو جيڪو پاڪستان جي نوجوانن جي بيشمار صلاحيت کي اجاگر ڪندو.

**بقايا 21**

جي سربراهہ جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ بہ رڪني بئنچ ايف آءِ اي عملدارن پاران عورت کي حراسان ڪرڻ واري ڪيس ۾ عدالت ايف آءِ اي عملدارن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا، درخواستگذار جي وڪيل شوڪت حيات چيو تہ ايف آءِ اي شازيہ خاتون کي بار بار نوٽيس جاري ڪري رهي آهي. سرڪاري وڪيل چيو تہ عورت جي مڙس تي پرڏيهي قانونن جي ڀڃڪڙي جو ڪيس هلي رهيو آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ ڪنهن بہ قانون جي ڀڃڪڙي نہ ڪئي وئي آهي. وڪيل چيو تہ عورت جو پنهنجي مڙس جي ڪاروبار سان ڪو بہ واسطو ناهي، هوءَ هڪ گهريلو ۽ پرديدار عورت آهي. وڪيل چيو تہ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اي ايل سرڪل مسعود احمد بار بار ڪيس سمن نوٽيس جاري ڪري رهيو آهي. وڪيل پاران داخل درخواست ۾ چيو ويو آهي تہ ايف آءِ آفيسرن کي عورت کي تنگ ڪرڻ کان روڪيو وڃي. ۽ ڪال اپ نوٽيس واپس وٺڻ جو حڪم ڏنو وڃي. عدالت ايف آءِ اي اختيارين کان 16 اپريل تي جواب طلب ڪيو آهي.

**بقايا 22**

سان پراسرار نموني گم ڪرائڻ کي هڪ سال گذري ويو، پر گاڏي مالڪ کي پنهنجي ويگو گاڏي ملي ناهي سگهي، جنهن ڪري گاڏي مالڪ سخت پريشان آهي، جنهن پاران پنهنجي ڪيترن ئي حامين سان گڏ جهمپيرلڳ گل احمد ونڊ انرجي جي مين گيٽ اڏو هڪ احتجاجي مظاهرو غلام محمد چانگ، شاهہ محمد چانگ، رحمان چانگ، انعام چانگ، تراب علي چانگ، مامن چانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو تہ غلام محمد چانگ پاران پنهنجي ويگو گاڏي ونڊ پاور ڪمپني کي رينٽ تي ڏني هئي، جيڪا گاڏي ڪمپني انتظاميہ هڪ سال اڳ گم ڪرائي ڇڏي هئي، جنهن بعد ڪيس نہ گاڏي جو ڪرايو ٿو ملي ۽ نہ ئي گاڏي ٿي ڏني وڃي، جيڪا ڪمپني انتظاميہ پاڻ گم ڪرائي ڪيس وڏو نقصان ڏيئي وڌيڪ پريشان ڪيو پيو وڃي. هنن چيو تہ گاڏي مالڪ پاران ڪمپني انتظاميہ سميت سمورن وس وارن کي لکت ۾ شڪايتون ڪري چڪو آهي، پر ڪيس ڪٿان بہ انصاف ملي ناهي سگهيو. هنن گهر ڪئي تہ سائنس انصاف ڪري ڪيس پنهنجي گم ڪرايل گاڏي واپس ڪرائي گاڏي جي ڀولا تي ڪيل خرچي جو ازالو ڪرايو وڃي، ٻئي صورت ۾ گاڏي ملڻ تائين سنڌن پرامن احتجاج جاري رهندو.

**بقايا 23**

جي سربراهہ جسٽس ڪي ڪي آغا ۽ جسٽس نثار احمد ڀنڀرو تي ٻڌل بہ رڪني بئنچ اڳوڻي صدر عارف علوي جي ڊينٽل ڪلينڪ سيل ڪرڻ واري ڪيس کي اڪلائي ڇڏيو. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو تہ ايس بي سي اي علوي ڪلينڪ خلاف قانوني تقاضا پورا ڪرڻ بغير ڪابہ ڪاروائي نہ ڪري. درخواستگذار عارف علوي جي زال ثمينہ علوي جي وڪيل بئريسٽر علي طاهر چيو تہ ڪلينڪ کي ڊي سيل ڪرڻ جو معاملو آهي، جسٽس ڪي ڪي آغا پنهنجي رمارڪس ۾ چيو تہ هي معاملو رهائشي آبادي ۾ ڪمرشل سرگرمي ڪرڻ جو آهي. جسٽس ڪي ڪي آغا چيو تہ پوليس ڇا ڪري رهي آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ پوليس ايس بي سي اي عملدارن سان گڏ ڪلينڪ سيل ڪرڻ آئي هئي. اي بي سي اي معاملي ۾ وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ماسٽر پلان اٿارٽي کي موڪليو آهي. خدشو آهي تہ ڪلينڪ ٻيهر سيل نہ ڪيو وڃي، پهرين بہ رات جو ڪلينڪ سيل ڪئي وئي هئي جسٽس نثار احمد ڀنڀرو پنهنجي رمارڪس ۾ چيو تہ اوهان ڪهڙي قانون تحت رهائشي علائقي ۾ ڪمرشل سرگرمي ڪري رهيا آهيو.

**بقايا 24**

35هين نيشنل گيمز 1 مئي کان 9 مئي تائين ڪرائڻ ۽ ٽرجيب ريلي 10 اپريل کان 13 اپريل تائين مٺي ۾ منعقد ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي راندين واري وزير پريس ڪانفرنس دوران اعلان ڪيو سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر چيو آهي تہ 35 هين نيشنل گيمز 1 مئي کان 9 مئي تائين ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ افتتاحي ۽ اختتامي تقريب ۾ صدرِ مملڪت ۽ وزيراعظم بہ شرڪت ڪندا. انهن لاءِ بہ خاص انتظام ڪيا ويا آهن. ڪراچي ۾ نيشنل گيمز 21 هنڌن تي ٿيندا. جن ۾ 34 راندين جا مقابلا شامل هوندا. جتي 10 هزار مرد ۽ عورت ائٿليٽس ۽ آفيشلز حصو وٺندا. سردار محمد بخش مهر پريس ڪانفرنس دوران وڌيڪ ٻڌايو تہ نيشنل گيمز ۾ سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخوا، اسلام آباد، آزاد جموں ڪشمير ۽ گلگت جي ٽيمون حصو وٺنديون. ان کان علاوه، پاڪستان آرمي، ايئر فورس، نيوي، واپڊا، ريلوي، پوليس ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جون ٽيمون بہ شامل هونديون. گيمز ۾ 2760 صوبائي رانديگر 5600 مختلف ادارن جا رانديگر 1200 ٽيڪنيڪل آفيسلز ۽ 132 روايتي رانديگر حصو وٺندا. هن وڌيڪ چيو تہ 18 سالن ڪانپوءِ سنڌ ۾ نيشنل گيمز منعقد ٿي رهيا آهن.

**بقايا 25**

زرداري ميرپورساڪرو جي ڳوٺ ملڪ مزار خان ملڪاڻي پهچي ڪري علائقي جي معزز شخصيت ملڪ غلام حسين ملڪاڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ، پوئيرن سان ڏک جو اظهار ڪيو انهي موقعي تي چيف آف ڪلمت ملڪ محمد رمضان ملڪاڻي ، چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور، پي پي اڳواڻ رئيس عامر حسين هديو بلوچ ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا ان موقعي هن چيو تہ سنڌ حڪومت پاران ڪراچي جي جيلن ۾ قيد خطرناڪ قيدين کي سکر منتقل ڪرڻ جو فيصلو جهرڪ يا ملير ۾ هڪ هزار ايڪڙ ايراضي زمين تي خطرناڪ قيدين لاءِ مخصوص جيل ٺهرائڻ جو پڻ پروپوزل جيلن واري کاتي جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو آهي تہ سينٽرل جيل ڪراچي ۾ 7 هزار 2 سئو قيدي ۽ لانڍي جيل ڪراچي ۾ 6 هزار 4 سئو قيدي موجود آهن جيڪي گنجائش کان وڌيڪ آهن تنهنڪري خطرناڪ ڏوهارين ۽ وڏن ڪرمنلز کي سينٽرل جيل سکر منتقل ڪيو پيو وڃي ٺٽي ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور پاران سنڌس مان ۾ ڏنل افطار پارٽي واري تقريب ۾ شرڪت جي موقعي تي ٽائيم نيوز سان خصوصي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو تہ جيلن جو ماحول دنيا کان مختلف هجي ٿو سنڌ اندر خطرناڪ قيدين لاءِ هڪ مخصوص جيل تعمير ڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي لکيو ويو آهي ۽ تجويز ڏني وئي آهي تہ ٺٽي لڳ جهرڪ ۾ يا مليرواري علائقي ۾ هڪ هزار ايڪڙ ايراضي زمين مختص ڪري ڏني وڃي تہ جيئن سنگين ڏوهن ۾ ملوث وڏن خطرناڪ قيدين کي اتي رکي سگهجي. صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري وڌيڪ چيو تہ مڪلي تي زير تعمير ڊسٽرڪٽ جيل جو ڪم آخري مرحلي ۾ آهي.

**بقايا 26**

جيڪڏهن پنهنجا ڇڏيل هٿيار افغانستان کان واپس وٺي تہ خطي ۾ امن بحال ٿي ويندو. شفقت علي خان هفتيوار بريفنگ دوران چيو تہ افغانستان ۾ ڇڏيل آمريڪي هٿيار خطي ۾ امن جي صورتحال لاءِ سنگين مسئلو آهن. پاڪستان افغانستان سان سٺا لاڳاپا چاهي ٿو پر افغانستان جي سرزمين پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي ۽ پاڪستان ان حوالي سان افغان حڪومت کان مطالبا ڪندو رهيو آهي. هن چيو تہ طورخم بارڊر افغان فورسز طرفان تڪراري علائقي ۾ چوڪيون ناهڻ سبب بند ٿيو آهي، پاڪستان طورخم بارڊر تي ٿيندڙ چڪتاڻ جي مذمت ڪري ٿو ۽ افغان عبوري حڪومت کان معاملو سنجيدگي سان حل ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿو. سنڌس چوڻ هو تہ افغانستان ۾ دهشتگردي ۾ ملوث شريف الله جي آمريڪا حوالگي پاڪ – آمريڪا سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي خلاف سهڪار جي روشني ۾ ڪئي وئي، ان حوالي سان سموريون قانوني گهرجون پوريون ڪيون ويون. دهشتگرد شريف الله جي گرفتاري ۽ حوالگي تي ڪو فل اسٽاپ ناهي، پاڪستان ۽ آمريڪا ۾ قونصلر رابطا جاري رهندا آهن.

**بقايا 27**

بند ٿي سگهي ٿي. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي انتظاميا مختلف ملڪن ۾ سيڪيورٽي ۽ جاچ پڙتال جي نظام جو جائزو وٺي رهي آهي، ان نظرثاني جي نتيجي ۾ مختلف ملڪن مان ايندڙن جي آمريڪا ۾ داخلا بند ٿي سگهي ٿي. آمريڪي صدر 20 جنوري تي هڪ ايگزيڪيوٽو آرڊر جاري ڪيو هو، جنهن ۾ آمريڪي سلامتي کي خطرن جي نشاندهي لاءِ آمريڪا ايندڙن جي سخت جاچ پڙتال کي ضروري قرار ڏنو ويو، ٽرمپ ڪابينا ميمبرن کي هدايت ڪئي هئي تہ ڪمزور ۽ ناقص جاچ پڙتال وارن ملڪن جي فهرست فراهم ڪئي وڃي، جن تي جزوي يا مڪمل پابندي لڳائڻ گهرجي. پرڏيهي خبررسان ايجنسي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو تہ افغانستان ۽ پاڪستان تي مڪمل سفري پابندي جي تجويز ڏني سگهجي ٿي.

**بقايا 28**

آهي تہ خارجين سميت دهشتگرد گروهہ پاڪستان خلاف افغان سرزمين تان ڪارروائيون ڪري رهيا آهن. دهشتگرد حملن ۾ پرڏيهي هٿيارن جي استعمال جو ثبوت آهي، افغانستان اهڙن عنصرن جي محفوظ پناهہ گاهہ بڻيل آهي، خارجين ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف جنگ پنهنجي منطقي انجام تائين جاري رهندي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير بنون جو دورو ڪيو، جتي ڪور ڪمانڊر پشاور سندس آجيان ڪئي، آرمي چيف کي جاري آپريشنز ۽ علائقي جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال تي بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر ٻڌايو تہ آرمي چيف سي ايم ايچ بنون ۾ زخمي فوجين کان خيريت معلوم ڪئي ۽ سندن حوصلي کي ساراهيو، جڏهن تہ هن شهيدن جي پوئيرن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو. فوجي جوانن کي خطاب ڪندي آرمي چيف چيو تہ پاڪ فوج رياست جي سلامتي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ دهشتگردي خلاف ڪردار ادا ڪندي رهندي، حملي جي رٿابندي ڪندڙن ۽ سهولتڪارن کي جلد انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

**بقايا 29**

تائين ڦر دوران مزاحمت تي فوت ٿي ويلن جو انگ 19 جڏهن تہ رمضان المبارڪ دوران فوت ٿي ويلن جو انگ 5 ٿي ويو آهي. ذريعن موجب شهر ۾ هلندڙ سال کان هنيئر تائين ڦر دوران مزاحمت تي 19 ڄڻن کي قتل ڪيو ويو جڏهن تہ ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ جي شروعات سان گڏ ئي ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائمز جي وارداتن ۾ بہ اضافو ٿي ويو آهي. پوليس موجب ڏاڙيلن 5 ڏينهن ۾ 5 شهرين کي ڦر دوران مزاحمت تي قتل ڪيو. ايس ايس پي ٻڌايو آهي تہ پي اي سي ايس ايس ۾ ڦورن جي فائرنگ سبب ساجد نالي سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو جڏهن تہ گذريل ڏينهن سهراب ڳوٺ ۽ قائد آباد ۾ ڦورن جي فائرنگ سبب 2 شهري بابر ۽ وسيم مارجي ويا. قائدآباد ۾ بابر نالي شهري کي قتل ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ ڦورو شهرين جي تشدد سبب مارجي ويو پوليس موجب 4 مارچ تي قائدآباد فلائي اوور جي هيٺيان ڦورن جي فائرنگ سبب شهري عمران مارجي ويو مقتول ٽيڪسٽائيل ڪمپني ۾ ڪيشيئر هو ۽ بينڪ مان رقم ڪڍي نڪتو هو ٻئي پاسي 2 مارچ تي اسڪيم 33 غازي ڳوٺ ۾ ڦورن جي فائرنگ سبب دوڪاندار مارجي ويو جنهن کان پوءِ پوليس مقابلي کان پوءِ هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو.

**بقايا 30**

ونگ سٽي ۽ ضلعي طرفان سنڌ درياهہ مان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن مٿان ڪيس داخل ٿيڻ واري عمل خلاف ضلعي هيڊڪوارٽر ڪينيڊي مارڪيٽ کان ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي مڪ جناح باغ چوڪ تي پهتي جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جڏهن تہ احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن هٿن ۾ بئنر پلي ڪارڊ ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي ٽائرنگ کي باهيون ڏئي سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي پي پي پي ش ڀ سپاف ۽ يوٿ ونگ جي اڳواڻن ولي محمد لاهوري، لالو سرهيو، مسلم سهڙو، منير احمد ٻگهيو، احمد ڪانيو، وسيم مگسي، وقار شاهہ شهباز پتو، صدام جيسر ۽ ٻين چيو تہ وفاق گرين پاڪستان جي نالي تي پنجاب جي چولستان واري علائقي کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهہ مان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين کي بنجر ڪري صوبي کي معاشي طور تباهہ ۽ برباد ڪيو پيو وڃي، جنهن خلاف قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جا پيروڪار پنهنجي سرن سان ڪفن ٻڌي نڪتا آهن نہ پر ڪئنالن خلاف سنڌ امڙ سان ٿيندڙ هر سازش خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي.

**بقايا 31**

خان جو جي يو آءِ (ف) سربراهہ کي پيغام ڏيندي چيو آهي تہ پي ٽي آءِ باني چيو آهي تہ مولانا فضل الرحمان کي چئو تہ هاڻ وقت اچي ويو آهي اوهان اسان جو ساٿ ڏيو. اسلام آباد ۾ پارٽي جي ٻين اڳواڻن عمر ايوب، شبلي فراز سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو تہ مارچ 2022 ۾ اٽو 20 روپيہ ۽ اڄ 100 روپيہ آهي، گيهہ 350 کان 500 روپيہ ڪلو آهي، 70 کان 80 سيڪڙو مهانگائي وڌي وئي آهي ڇا نوڪريون ڪندڙ ماڻهن جي آمدني بہ وڌي آهي؟ هن چيو تہ هن معيشت جي ڪري معاشرو خراب ٿي رهيو آهي، اسان وٽ نوڪريون بالڪل ختم ٿي چڪيون آهن. چين 2 وڏيون ٽرين لائنون ناهي رهيو آهي جيڪي ايران وينديون ۽ افغانستان کان گذري وينديون، پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو تہ گهٽ پگهار واري طبقي تي تمام وڌيڪ ٽيڪس لاڳو ڪيا ويا آهن، هي غريبن کان ٽيڪس وٺندا آهن ۽ اميرن کي ڪير بہ پڇندو نہ آهي، قانون اسان جي زندگي هجڻ گهرجي.

**بقايا 32**

جي واقعن ۾ افغان دهشتگردن جي ملوث هجڻ ۾ لاڳيتو اضافو ٿي رهيو آهي ۽ افغانستان مان مان دهشتگردن جي پاڪستان ۾ دهشتگردي وڌي رهي آهي. مختلف دهشتگرد تنظيمن کي افغان طالبان جي مڪمل حمايت، سهولتڪاري ۽ سرپرستي حاصل آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ 5 مارچ 2025ع تي بلوچستان ۾ پاڪ افغان سرحد جي پرسان علائقي ٽوپہ ڪاڪڙي ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب آپريشن ڪيو جنهن ۾ 4 اهم دهشتگرد گرفتار ڪيا ويا. دهشتگردن کان ڪلاشنڪوف، دستي بم ۽ ٻيو هٿيار هٿ آيو آهي. جڏهن تہ گرفتار دهشتگردن دهشتگردي جي وڏي ڪارروائي جي منصوبہ بندي جو اعتراف بہ ڪيو آهي. گرفتار دهشتگرد اعترافي بيان ۾ ٻڌايو تہ منهنجو نالو اسام الدين ولد گلشاد آهي مان افغانستان مان آيو آهيان. اسان جو نظريو اسان جي ٽريننگ آهي، مون وٽ 2 بندوقون، 2 ڪلاشنڪوف، هڪ گرينيڊ ۽ ٻيو هٿيار موجود هو. دهشتگرد اسام الدين ٻڌايو تہ اسان افغانستان مان 3 ڏينهن اڳ پاڪستان ۾ داخل ٿياسين. اسان سرحدي علائقي مان رات دير سان چوري سان پاڪستان ۾ داخل ٿياسين اسان کي اڳتي پشين وڃڻو هو. سيڪيورٽي ذريعن موجب دهشتگردن جي خلاف انهي آپريشن جي ڪاميابي ۾ مقامي ماڻهن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ٻئي طرف گرفتار دهشتگردن کي وڌيڪ پڇاڳاڇا جي لاءِ نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو آهي.

**بقايا 33**

رهواسي موٽر سائيڪل رڪشا ڊرائيور نوجوان شمن کهيري قتل ٿي ويو جڏهن رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب ان ۾ سوار 5 عورتون رشيده زال اسلم شريفان زال شبير حميده زال بابو نائيلان زال شريف جڏهن تہ ٽي مرد شبير پٽ غلام سنڌس پٽ شعيب ۽ خدا بخش خاصخيلي بابو خاصخيلي سخت ٿي پيا جن کي تعلقہ اسپتال ٽنڊوباگو ۾ داخل ڪيو ويو آهي ان ڏس زخمي بابو خاصخيلي ٻڌايو تہ هو فوتگي تي ڏيهڙو ويل هئا واپسي تي ڪلهرو لڳ مائڪ موري وٽ پهتا تہ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن رڪشا روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ڊرائيور پاران رڪشا نہ روڪڻ تي فائرنگ ڪري شمن کهيري کي قتل ڪري ڇڏيو ٻئي طرف واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف فوتي جي وارثن ٽنڊوباگو شهر جي بدر چوڪ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو تہ واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي جڏهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او ٽنڊوباگو اصغر سنيو ٻڌايو تہ جاچ ڪري رهيا آهيون واقعي ذاتي دشمني تان پيش آيو يا ڦر جي ڪوشش هئي ٻئي طرف نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو فوتي کي سوين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

**بقايا 34**

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيئر جي آفيسرن ۽ ملازمن کي مستقل نہ ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌائي ڪئي، عدالت چيو تہ مستقلي جو معاملو سيڪريٽري يونيورسٽيز ۽ بورڊ ڏانهن موڪليو وڃي. درخواستگذار جي وڪيل اسدالله بلو چيو تہ سيڪريٽري يونيورسٽيز 2016 ۾ آفيسرن ۽ ملازمن جي مستقل حيثيت لاءِ لکيو هو. درخواستگذار جي وڪيل اسد الله بلو چيو تہ 2019 ۾ انهن کي مستقل ڪرڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيو ويو هو. وڪيل چيو تہ ان باوجود مستقلي جو نوٽيفڪيشن جاري نہ ڪيو ويو. ڪراچي يونيورسٽي اهو معاملو سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊ ڏانهن موڪليو هو وڪيل چيو تہ يونيورسٽين ۽ بورڊ اختيارين معاملو واپس ڪراچي يونيورسٽي ڏانهن موڪليو هو.

**بقايا 35**

ڏوهاري مارجي ويا. مارجي ويل ڏوهارين جي سڃاڻپ صدام جلباڻي ۽ واجد جلباڻي طور ٿي آهي. پوليس جو انهي حوالي سان موقف آهي تہ مارجي ويل ٻئي ڏوهاري واپاري سنتوش ڪمار ۽ سنجي ڪمار جي قتل ۾ ملوث هئا. پوليس طرفان مقابلي ۾ مارڪيٽ ٿاڻي جو ايس ايچ او سرتاج جاگيراڻي، نئون ديرو ٿاڻي جو ايس ايچ او سجاد پٽي، ڏڙي ٿاڻي جي ايس ايچ او گلزار ٻرڙو سميت وڏا پوليس اهلڪار مقابلي ۾ شامل هئا پوليس موجب 6 ڏوهارين جي ٽولي جي لاڙڪاڻي کان نئون ديرو طرف ڏوهہ جي ارادي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪاروائي ڪئي جنهن دوران ڏوهارين ۽ پوليس ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ فائرنگ دوران 2 ڏوهاري صدام ۽ واجد جلباڻي مارجي ويا آهن ۽ 4 ڏوهاري فرار ٿي ويا آهن جن جي گرفتاري لاءِ ڪاروائي جاري آهي. مارجي ويل ڏوهارين وٽان هڪ ڪلاشنڪوف، 2 پستل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن.

**بقايا 36**

ڪاميٽي جي ڪامورن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڇنڊ پٽي وئي:۔ ڊپٽي ڪمشنر دادو مختيار علي ابڙو پاران رمضان شريف دوران شهر ۾ صفائي سٿرائي، بجلي جي فراهمي، رمضان آرڊيننس، پرائيس ڪنٽرول امن امان جي صورتحال سميت ٻين لاڳاپيل معاملن تي ٿيندڙ ڪاروائين ۽ ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ڪوٺايو اجلاس دوران شهر ۾ صفائي، اسٽريٽ لائيٽون نہ هلڻ ۽ سبزي، فروٽ، گوشت، مڇي، مرغي جون ريٽ لسٽون مارڪيٽ تائين نہ پهچڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر دادو مختيار علي ابڙو چيو تہ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ فرضن ۾ شمار آهي سڀ لاڳاپيل عملدار ايمانداري سان فرض ادا ڪري عوام لاءِ سهولتون ۽ آسانيون فراهم ڪن فرضن ۾ غفلت ناقابل برداشت عمل آهي ڪنهن بہ ڪاموري کي بخش نہ ڪيو ويندو هن ميونسپل عملدارن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ شهر ۾ صفائي نظام بهتر ناهي، روڊن رستن تي گندو پاڻي ۽ گندگي جا ڍير آهن اوهان باقي ڇا ٿا ڪيو. لائيٽ وڃڻ بعد شهر اونداهي جي ورچڙهي وڃي ٿو اسٽريٽ لائيٽون ڇو نہ ٿيون هلن هنگامي طور تي شهر جي صفائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اسٽريٽ لائيٽون چالون ڪرايون وڃن ٻي صورت ۾ اوهان خلاف لاڳاپيل آفيسرن خلاف ڪاروائي لاءِ لکيو ويندو جڏهن تہ اجلاس دوران اسسٽنٽ ڪمشنر سميع الله وگڻ پاران مارڪيٽ ڪاميٽي جي عملدارن خلاف شڪايت ڪندي چيو تہ مارڪيٽ ۾ منافع خورن خلاف ڪاروائي لاءِ وڃون ٿا اڪثر مارڪيٽن ۾ ريٽ لسٽون نہ ٿيون پهچن

**بقايا 37**

علائقي ۾ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهہ تان جهيڙي جي نتيجي ۾ هٿياربندن جي ڪار مٿان فائرنگ سبب 3 ڄڻا مارجي ويا آهن. جڏهن تہ واقعي جو ڪارڻ معمولي تڪرار ٻڌايو پيو وڃي. ميرانپور واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن ڪار تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 3 ڄڻا ٿلهي تي ئي مارجي ويا. هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن جي سڃاڻپ، معشوق ڪوسو، رحيم بخش ڪوسو ۽ ظهور ڪوسو طور ڪئي وئي آهي، واقعي کان پوءِ علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو آهي. اهڙي اطلاع ملڻ تي ميرانپور پوليس واقعي واري هنڌ روانا ٿي وئي آهي.

**بقايا 38**

لاءِ هڪ ڏينهن جي سکيا ورڪشاپ جو بندوبست ڪيو ويو. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي سهڪار سان ٿيندڙ سکيا ورڪشاپ ۾ گهوٽڪي، جيڪب آباد، شڪارپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ڪشمور ڪنڌڪوٽ سان تعلق رکندڙ 50 جي لڳ ڀڳ ٽيمن حصو ورتو. سکيا ورڪشاپ کي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ ممتا پروگرام جي ڪميونيڪيشن اسپيشلسٽ محسن ٻهر خطاب ڪيو ۽ ڪميونٽي ۾ ممتا پروگرام بابت جاڳرتا ڏيڻ بابت ٻڌايو تہ ممتا پروگرام سنڌ جي 15 ضلعن ۾ جاري آهي، جنهن ذريعي ڳورهاري ۽ ٿڃ پياڪ مائرن کي رجسٽرڊ ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کي روڪ معاوضو ڏنو ويندو آهي تہ جيئن هو پنهنجا طبي چڪاس ڪرائڻ بي ايچ يو آءِ ۽ صحت کاتي جي اسپتالن ۾ ڊاڪٽر پاران ڏنل شيڊيول موجب پنهنجو طبي چڪاس ڪرائين

**بقايا 39**

ڪري چڪيو ترجمان موجب واٽر ڪارپوريشن جي 35 سينئر آفيسرن کي مٿئين گريڊ ۾ ترقيون ڏنيون ويون آهن ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي پروموشن جا آرڊر ڏيڻ جي تقريب انجنيئرز اينڊ آفيسرز ايسوسيئيشن پاران چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ منعقد ٿي تقريب جو خاص مهمان ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب هو ان موقعي تي ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان سميت ٻيا اعليٰ عملدار ۽ انجنيئرز اينڊ آفيسرز ايسوسيئيشن جا عهديدار موجود هئا ميئر ڪراچي ترقي ماڻيندڙ آفيسرن ۾ پروموشن جا آرڊر ورهائيندي چيو تہ آفيسر پنهنجي اداري جي بهتري ۽ ترقي جي لاءِ وڌيڪ محنت ڪندي پنهنجا فرائض ايمانداري سان سرانجام ڏين ڇاڪاڻ تہ اسان جو مقصد واٽر ڪارپوريشن کي هڪ مثالي ادارو بڻائڻ آهي هن چيو قابل محنتي ۽ ذميوار صلاحيتن وارن آفيسرن کي اهم عهدن تي مقرر ڪيو ويندو تہ جيئن واٽر ڪارپوريشن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ميئر ڪراچي جو چوڻ آهي تہ ترقين جي معاملي ۾ ڪنهن بہ آفيسر جي حقن جي خلاف ورزي نہ ڪئي ويئي آهي ڇاڪاڻ تہ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي سمورا فيصلا قانون جي مطابق ۽ شفافيت کي نظر ۾ رکندي ڪيا آهن هن ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان سميت ايچ آر ڊي اي کاتي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ ڊي پي سي ون کي شفاف طريقي سان مڪمل ڪرڻ ۾ هنن جو اهم ڪردار آهي ميئر ڪراچي ايچ آر ڊي اي کاتي کي هدايتون ڏيندي چيو تہ گريڊ 17 کان گريڊ 18 جي آفيسرن کي مارچ جي ٽئين هفتي تائين مٿئين گريڊ ۾ ترقين جا آرڊر ڏنا وڃن جڏهن تہ گريڊ 2 کان گريڊ 16 تائين جي ملازمن کي مٿئين گريڊ ۾ جلد ترقيون ڏنيون وڃن ۽ ڊي پي سي تو جلد ڪرڻ جي لاءِ تڪڙا اپاءَ ورتا وڃن ان موقعي تي ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان جو چوڻ هو تہ اڄ اسان سڀني جي لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي ڇاڪاڻ تہ آفيسرن کي شفاف طريقي سان ترقيون ڏيئي ڪري انتظاميا پنهنجو واعدو پورو ڪيو آهي هن چيو ميئر ڪراچي جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪاوشن سان آفيسرن جون ترقيون ٿيون آهن جڏهن تہ ٻئي مرحلي ۾ گريڊ 2 کان گريڊ 16 تائين جي ملازمن کي مٿئين گريڊ ۾ ترقيون ڏنيون وينديون هن ڊي ايم ڊي ايچ آر ڊي اي محمد ثاقب سميت سنڌس پوري ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ ترقين جي معاملي ۾ هنن جو اهم ڪردار آهي ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب 20 گريڊ ۾ ترقي ماڻيندڙ آفيسرن ۾ نظام الدين شيخ محمد علي شيخ سعيد احمد شيخ منير پٽي ۽ ظفر احمد شامل آهن جڏهن تہ ترقي ماڻيندڙ ۾ گريڊ 20 جا 5 ۽ گريڊ 19 جا 30 آفيسر شامل آهن هن چيو واٽر ڪارپوريشن جي ايڪٽ 2023 جي سيڪشن 14 (1) ۽ سيڪشن 7 (xiv) جي تحت ۽ ڊسيپلين آف سروسز جي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت ڊپارٽمينٽل پروموشن سليڪشن ڪميٽي جي سفارشن تي ترقيون ڏنيون ويون آهن

**بقايا 40**

بنائڻ جو آسرو ڏئي چولستان ۾ ڪئنال ناهيو پيو وڃي ۽ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي قبضا ڪيا پيا وڃن. اياز لطيف پليجي چيو تہ اسين مفتوح علائقو ناهيون. اوهان جي ڪالوني ناهيون. اسين جلسن، جلوسن، ريلين ۽ ڌرڻن سان گڏ دليلن، قانونن ۽ انگن اکرن ۾ بہ اوهانکي غلط ۽ غاصب ثابت ڪنداسين. اياز لطيف پليجي چيو تہ سنڌو درياهہ تي ڌاڙو رڳو سنڌ دشمن سازش ناهي پر پاڪستان خلاف منصوبو آهي. ڌاڙيل ڪئنال منصوبا رد نہ ٿيا ڌان جا ڀيانڪ نتيجا نڪرندا. اياز لطيف پليجي چيو تہ سنڌ ۾ ماڻهن وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي ناهي. لاشن کي غسل ڏيڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. ڪراچي ۾ پيئڻ لاءِ ٻن هفتن ڪانپوءِ شهرين کي پاڻي فراهم ٿئي ٿو حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي. سڄي ۾ فصلن لاءِ پاڻي ناهي. آباد زمينون بنجر ٿي ويون آهن. ڪمند سميت جيڪي فصل بيٺا آهن. انهن لاءِ پاڻي ناهي. جانور ۽ پکي اڄ مري رهيا آهن. شهباز ۽ زرداري جي گڏيل حڪومت جو سنڌ سان دشمني وارو رويو آهي. سنڌ دشمن پاليسين جي ڪري سنڌ پنهنجي تاريخ جي نازڪ ۽ مشڪل دؤر مان گذري رهي آهي.

---

# آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
# ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي

پوسٽ آفيس(ورڪس اينڊ سروسز ڪامپليڪس نئوڪوٽ روڊ مٺي)
Phone No. .0232_920113 Email: xen.ewd.tharparkar@gamil.com

No.XEN(EWD)TC/G_175/2025
DATED: 05_03_2025

## ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي ڪمپوزيٽيو شيڊول ريٽ (CSR)/ 2024 تحت خواهشمند ڪانٽريڪٽرن/ فرمن کان هيٺين پروڪيورمينٽ ڪمن لاءِ مهر بند آڇون گهرائي ٿو.

ڪم جي لسٽ

| | ضلع ٿرپارڪر جي اسڪول بلڊنگن جي مينٽيننس ۽ ريپئر پروگرام 2024_25 (فيز–II) | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 01 | جي بي پي ايس گهوني (سيمس ڪوڊ #406030595) | ڪلوئي | 9.476 | 0.474 | 3000 | 03 مهينا |
| 02 | جي بي پي ايس مڊور (سيمس ڪوڊ #406020054) | ڪلوئي | 8.048 | 0.402 | 3000 | 03مهينا |
| 03 | جي بي ايچ ايس فقير محمد سليمان چانڊيو (سيمس ڪوڊ #406031081) | ڪلوئي | 20.230 | 1.012 | 3000 | 03 مهينا |
| 04 | جي بي ايچ ايس جنهيجي (سيمس ڪوڊ #406011466) | ڇاڇرو | 28.816 | 1.441 | 3000 | 03 مهينا |
| 05 | جي بي ايچ ايس تاردوس (سيمس ڪوڊ #406011473) | ڇاڇرو | 16.560 | 0.828 | 3000 | 03 مهينا |

### ٽينڊرن جي اجراءُ/ وصول ڪرڻ ۽ کولڻ لاءِ پروگرام

| شمار نمبر | تفصيل | پهريون پيرو | ٻيو پيرو (ٽينڊرن جي موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾) |
|---|---|---|---|
| 1 | هن NIT جي اخبارن ۾ اشاعت ڪانپوءِ درخواستون وصول ڪرڻ ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ 11:00 وڳي صبح تائين. | 27.03.2025 | 15.04.2025 |
| 2 | ٽينڊر صبح 11:30 وڳي وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند12:00 وڳي کوليا ويندا. | 27.03.2025 | 15.04.2025 |

**لازمي شرطون:**

i) پروڪيورمينٽ جو طريقو: سنگل اسٽيج ٻن لفافي وارو عمل ("ٽيڪنيڪل تجويز" ۽ "مالي تجويز" لاءِ فرم جي دستخط ۽ مهر سان بہ الڳ اسڪيل لفافا هجڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ اهڙو ٽينڊر قبول نہ ڪيو ويندو).
ii) مالي تجويز صرف انهن فرمن لاءِ کوليو ويندو (SPPRA قاعدي جي مطابق) جيڪي ٽيڪنيڪل تجويز ۾ لازمي گهرجن کي پورو ڪن ٿيون.
iii) ٻولي ڏيندڙ کي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجڻ گهرجي جيڪو PEC جي صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ سان سپورٽ ٿيل هجي
iv) Rs.4.00 (M) کان گهٽ ڪم جي صورت ۾ (S.No.(iii تي شرطون لاڳو نہ ٿينديون.
v) فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف (سول گريجوئيٽس) جو بايو ڊيٽا تصديق ٿيل سي وي ۽ انهن جي آمدني ٽيڪس ڪٽوتي جيڪا فرم سان ملازمت ڏيکاري ٿي.
vi) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي تخميني قيمت جو 80% هجي.
vii) گهٽ ۾ گهٽ ٻہ (02) ساڳئي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت تخميني قيمت جو 50% هجي، گذريل پنجن (05) سالن دوران مڪمل ٿيل هجن. مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ، تفصيلي ڪم ڪندڙ تخميني جون تصديق ٿيل ڪاپيون ۽ SPPRA ID ڏيکاريل بڊ ايويلويشن رپورٽ سان صحيح طور تي سپورٽ ڪئي وئي هجي.
viii) عدالتي اسٽيمپ پيپر تي هڪ اصل ۽ تازو معاهدو/حلف نامو تہ بڊر ۽ ان جي ملازمن کي ڪڏهن بہ ڪنهن بہ سرڪاري، نيم سرڪاري، خودمختيار يا رياستي ملڪيت واري تنظيم طرفان بليڪ لسٽ نہ ڪيو ويو آهي ۽ بليڪ لسٽنگ بابت انهن جا ڪيس ڪنهن بہ عدالت پاران ٻڌڻي هيٺ نہ آهن. ڊي لسٽ ٿيل فرم کي اجازت ڏني ويندي.
ix) ٽيڪنيڪل تجويز جي هر صفحي کي فرم / ڪمپني جي مالڪ طرفان ان جي اسٽيمپ سان گڏ نمبر ۽ تصديق ٿيل هجڻ گهرجي.
x) سڀني ٽينڊر جي عمل دوران خريداري ڪميٽي جي چيئرمين جي ڪمري ۾ موبائل فون جي اجازت نہ هوندي.
xi) مڪمل ٽيڪنيڪل تجويزن جي تشخيص لاءِ تشخيصي معيار، ذيلي معيار، ها / نہ يا پاس / ناڪامي تي ٻڌل آهي؛ جيڪڏهن ڪو ٻولي ڏيندڙ ڪنهن بہ معيار يا ذيلي معيار ۾ ها حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا پاس نہ ٿئي ٿو تہ پوءِ هو اهل نہ هوندو.

**قابليت جو معيار:۔**

a) سراسري ساليانو ٽرن اوور گذريل پنجن سالن جي ٻولي جي قيمت جي برابر هجڻ گهرجي.
b) بينڪ جو سرٽيفڪيٽ جيڪو ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 15% (گذريل 5 سالن لاءِ هر سال سراسري بيلنس) جي ڪريڊٽ قابليت ڏيکاري ٿو بينڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ هر سال 1 جولاءِ کان 30 جون تائين گذريل 5 سالن لاءِ الڳ الڳ مهيا ڪيو وڃي ۽ تازو بينڪ سرٽيفڪيٽ جيڪو موجود بيلنس ڏيکاري ٿو ان سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي.
c) آمدني ٽيڪس کاتي سان رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي) گذريل ٽن (3) سالن جي آمدني ٽيڪس ريٽرن رسيدن جي ڪاپين جي حمايت سان. فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ جي حيثيت هجڻ گهرجي.
d) قانوني ڪارروائي جي تاريخ جنهن ۾ فيصلو فرم (s) جي خلاف يا حق ۾ ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو ڪيس نہ هجي تہ ثالثي / قانوني ڪارروائي / عدالتي ڪيسن جي فهرست ۽ مختصر تفصيل ڏيو ۽ هڪ حلف نامو شامل ڪريو تہ فرم ڪنهن بہ سرڪاري کاتي سان ڪنهن بہ قانوني ڪارروائي ۾ شامل نہ رهي آهي.
e) گذريل ٽن (3) سالن کان ٻولي ڏيندڙ فرم جي نالي تي بينڪ اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ ٽينڊر دستاويزن سان گڏ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
f) (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي ساليانو آڊٽ ٿيل رپورٽون. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نہ ڪئي ويندي.
g) حلف نامو تہ پيش ڪيل سڀئي دستاويز / تفصيل / معلومات سچي ۽ صحيح آهن. جيڪڏهن ڪا بہ معلومات غلط / گمراهہ ڪندڙ ملي تہ خريداري ڪندڙ ايجنسي ٻولي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
h) درخواست هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ ٻولي دستاويزن جي خريداري لاءِ ڪيش ڪم جي خلاف ڏيکاريل ٽينڊر فيس سان گڏ هوندي.
i) 5% آمدني جي رقم ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويز جي وقت ڪنهن بہ شيڊولڊ بينڪ مان جاري ڪيل ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر جي صورت ۾ هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ ٻولي سان گڏ جمع ڪرائي ويندي. سي ڊي آر ٽيڪنيڪل تجويز سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي.
j) مشروط ٽينڊر مختصر طور تي رد ڪيا ويندا.
k) اشتهار SPPRA / PPMS ويب سائيٽ "https://ppms.pprasindh.gov.pk" تي ڏسي سگهجي ٿو
l) ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي سامهون کوليو ويندو ۽ ٺيڪيدارن جي موجودگي ۾ انهن جي مجاز ايجنٽن جي موجودگي ۾ دستخط ڪيو ويندو جيڪي ان وقت موجود هئا (اختياري خط سان گڏ ـ اصل CNIC سان).
m) ٽينڊر کي اسڪيل ٿيل لفافن ۾ هٿ سان جمع ڪرايو وڃي: ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي (فون نمبر 0232_920113) ۽ واضح طور تي اسڪيم جو نالو واضح طور تي نشان لڳل هجي ۽ سيريل نمبر سان پڻ.
n) مجاز اختياري SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل_هيل تائين) جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني درخواستن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
o) منصوبي بابت ڪا بہ معلومات آفيس جي ڪلاڪن دوران هيٺ دستخط ڪندڙ جي آفيس کان حاصل ڪري سگهجي ٿي.
p) جيڪڏهن حڪومت مقرر ڪيل تاريخن تي ڪنهن بہ عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، تہ ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي جمع ڪرايو ويندو/ کوليو ويندو. معمول جي شيڊول مطابق، SPPRA 2010 جي قاعدي_41 (B) جي مطابق (ترميم ٿيل تاريخ تائين).

صحي:
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
ٿرپارڪر ايٽ مٺي

INF-KRY:746/2025

پڙهندي سنڌ تہ ..... وڌندي سنڌ

# پيارو اسٽيشن پرسان ٽرانسفارمر چوري جي ڪوشش، رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

## ڳوٺ اسلام پور آرائين جي واٽر سپلا اسڪيم مان نامعلوم ماڻهن ڪوائلون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي

## پيارو اسٽيشن ۽ ڀرپاسي چوري روزجو معمول بڻيل آهي، پوليس ڪٿي به نظر نه ٿي اچي: آرائين برادري

## ايس ايس پي دادو کي اپيل آهي ته وڌندڙ بدامني جو فوري نوٽيس وٺي شهر ۾ امن قائم ڪرايو وڃي: مطالبو

پيارو اسٽيشن : ڳوٺ اسلام پور آرائين واسي بدامني جي آزار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پيارو اسٽيشن (احسان علي مري ) گذريل رات پيارو اسٽيشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

### غوثپور ٿاڻي تي ڊيوٽي ڪندڙ پوليس اهلڪار دل بيهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ غوثپور پوليس ٿاڻي تي ڊيوٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

### لاڙڪاڻي ۾ بيروزگار نوجوان پاران سرڪاري نوڪري لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مدينه ڪالوني/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

# سکر ۾ رمضان آرڊيننس جي کليل ڀڃڪڙي، پوليس ۽ انتظاميه خاموش

## ڪاٽڻ پيٽڻ جون شيون کلي عام وڪرو، هوٽلن تي روزي خورن جي رش لڳل

## سبزي منڊي، گوليمار، ڳوٺ ڪريم بخش، سنڌ سوسائٽي مين روڊ، سائيٽ ايريا ۾ هوٽلون کليل آهن: سجاڻ ڏيرون

## شهر ۽ ڀرپاسي ۾ رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائي پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: اختيارين کان مطالبو

سکر( بيورو رپورٽ) سکر پوليس ۽ انتظاميا جي مجرمانه خاموشي، رمضان آرڊيننس جي کليل ڀڃڪڙي، شهرين کي ڪاٽڻ پيٽڻ جون شيون کلي عام وڪرو، هوٽلن تي روزي خورن جو رش، مذهبي ۽ شهري، سماجي حلقن ۾ پريشاني جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

### سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ٺٽو پاران ٻئي مرحلي جي داخلائن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ 2025ع منعقد، 33 اميدوارن داخلائن لاءِ پنهنجي قسمت آزمائي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ٺٽو پاران ٻئي مرحلي جي داخلائن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ 2025ع /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

# هنگورجا ۾ بجلي چورن خلاف آپريشن ، سوين ڪنڊا ڪاٽا

## لائين سپريڊنٽ مقصود حسين ملاح جي اڳواڻي ۾ آپريشن ٿيو

## آپريشن دوران ڪيترن ئي باقيدارن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي: عملدار

هنگورجا (ن پاڪ) سيپڪو پاران سيپڪو راڻي پور ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر منصور احمد پنهور لائين سپريڊنٽ مقصود حسين ملاح /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ڪوٽڙي:استاد چوري ٿيل سامان جي واپسي لاءِ دانهن ڪري رهيو آهي

# ڄامشورو پوليس خلاف استاد پاران راڳ ڳائي انوکو احتجاج

## 10 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس چوري وارو سامان واپس ناهي ڪرايو:قمرالدين

## ايس ايس پي کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مون سان حق ڪري: مطالبو

ڪوٽڙي( رپورٽ عبدالخالق چانڊيو) ڄامشورو ڀريا وليج جي رهواسي استاد قمرالدين پاران گهر مان ٿيل چوري واري واقعي خلاف ڪلام ڳائي انوکو/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

# مٽياري پرسان پيرسن پائرن جو زمين تي قبضو ٿيڻ خلاف احتجاج

## برادري جي ماڻهن36 گهنٽا زرعي زمين تي قبضو ڪيو آهي: خمسيو/ غلام حسين

## چڱن مڙسن کي شڪايتون ڪرڻ باوجود اسان جي داد رسي نه ٿي رهي آهي: دانهن

مٽياري ( رپورٽ شهمير ميمڻ )، مٽياري ويجهو ڳوٺ غلام حسين لغاري ۾ زرعي زمين تي قبضي ۽ وڻن جي واڍي خلاف لغاري برادري جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

مٽياري: عورتون ٻارين ٻچين انصاف جي لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

### ٻيبي آصفه ڊينٽل ڪاليج لاڙڪاڻي پاران بيچ9سيشن جي ٻي ٽرم لاءِ درخواستون طلب، آخري تاريخ 12 مارچ مقرر

لاڙڪاڻو ( بيورو _ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻو جي ايم ايس پاران پڌرو ڪيو ويو آهي ته ٻيبي آصفه ڊينٽل ڪاليج لاڙڪاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

# مٽياري پرسان عورتن پاران حملو ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

## متل ڏاهري ۽ ڀين پاءُ راڻي کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي: مسمات خورشيد

## خاموش رهڻ لاءِ مسلسل ڌمڪيون ملي رهيون آهن، تدارڪ ڪيو وڃي

مٽياري ( رپورٽ شهمير ميمڻ)،مٽياري ويجهو ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسي عورتن پاران نوجوان تي حملو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

# ڄام نواز علي ۾ مهانگائي بي قابو، بچت بازار به ناڪام

## واهپي جون شيون مهانگي اگهه تي ملڻ سبب شهرين جا متي تي هٿ

## پورهيتن ۽ شهرين پاران ضلعي انتظاميه کان ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو

ڄام نواز علي (رپورٽر سليم لسڪاڻي)ڄام نواز علي جي مختلف شهرن ۾ مهنگائي جو جن بي قابو ٿي ويو مقامي انتظاميا توڙي پرائز ڪنٽرول/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

# باائر زمين تي قبضو ڪري اسڪول تعمير ڪرايو آهي: ايم سليم لغاري

## مختلف وقتن تي موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن، جان کي خطرو آهي

## محمد سليمان لغاري جي مداخلت سبب ٻارن جي تعليم متاثر پئي ٿي: ممتاز گاڏهي

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو )خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان دانهيندي محمد سليمان لغاري چيو ته سنڌس سروي زمين /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

# حيدرآباد ۾ ريلوي ورڪر يونين پاران پگهارون نه ملڻ تي احتجاج

## ٽن مهينن کان ڪچن ملازمن جون پگهارون بند آهن: غلام عباس لغاري

## مالي طور پريشانين جو شڪار آهيون، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

حيدرآباد (فريد شيخ) ريلوي ورڪر يونين پاران گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهري/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

حيدرآباد: ريلوي ملازم پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

# باائر زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي: ڄامشورو واسي

## ڪوڙا ڪيس داخل ڪري مختلف وقتن تي اچي اسان کي تنگ ڪن ٿا : راڻو خان ڪوسو

## جان کي خطرو آهي تحفظ ڏياري سنڌن زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي: پريس ڪانفرنس

حيدرآباد (فريد شيخ) ڄامشورو جي رهواسي راڻو خان ڪوسي سنڌس ۽ سرڪاري زمين تي قبضي ڳيرن خلاف حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

# ور سپر ليگ: شير سنڌ ۽ جميل شاهه ڪاميابي ماڻي

## شير سنڌ، سنڌو ديش ٽيم کي 35 رنسن تان هارايو

## ٻي ميچ ۾ جميل شاهه جي ٽيم والواحد کي شڪست ڏني

گهوڙاٻاري (رپورٽ سيدخالدڏاتاري) ور سپر ليگ نالي نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ شهيد فدا حُسين خشڪ جي ياد ۾ منعقد ڪيو ويو جتي دلچسپ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

# خانواهڻ ۾ بجلي باقيدارن خلاف آپريشن، لکين روپيا رڪوري

## سيپڪو عملدارن آپريشن دوران ڪيترائي چوري جا ڪنيڪشن ڪاٽيا

## باقيدارن کي ڪروڙين روپيا رهتون آهن، هر صورت ۾ واپس وٺنداسين: ايل ايس

خانواهڻ (رپورٽ وقار لوچي ) سيپڪو پاران باقيدارن کان رهتون وصول ڪرڻ لاءِ خانواهڻ شهر ۾ آپريشن ڪيو ويو، جنهن ۾ باقيدارن کان لکين/ڏسو صفحو 2 بقايا 24

# ڪوٽڙي بيراج ۾ پاڻيءَ ڪوٽ وڏي وئي، گهوڙاٻاري، ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر ۾ پاڻي جو بحران

## وارا بندي سبب پوڇڙ وارن علائقن تائين پاڻي پهچي نه سگهيو، هر طرف ڏڪار واري صورتحال

## وارا بندي سبب هيٺاهين وارن علائقن تائين پاڻي نه ٿو پهچي. زراعت تباهه ٿي رهي آهي: رهواسي

## فوري طور پاڻيءَ فراهمي لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن، ته جيئن بحران تي ضابطو آڻي سگهجي: مطالبو

گهوڙاٻاري ( رپورٽ سيد شاهه خالدڏاتاري) ڪوٽڙي بيراج تي پاڻيءَ جي ڪوٽ خطرناڪ حد تائين پهچي وئي، جنهن سبب ٺٽي جي ساحلي علائقن گهوڙاٻاري، ڳاڙهو ڪيٽي بندر ۽ ٻين پسگردائي وارن علائقن ۾ پاڻي جو بحران شدت/ڏسو صفحو 2 بقايا 30


گهوڙاٻاري: شاخ ۾ پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ سبب شاخ سڪل نظر اچي رهي آهي

# هنگورجا ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ٻه چوري جون وارداتون، هڪ موٽرسائيڪل ڦر

## ڳوٺ پليڊنو سهتو سامهون سيناريه واسي ثناءِ الله سهتي کان موٽرسائيڪل ۽ رقم ڦر ٿي

## عبدالرسول سهتو جي گهر مان 2 پلوڙ نسل جون ٻڪريون چوري ڪاهي فرار ٿي ويا

## عطا محمد سهتي جي موٽرسائيڪل چوري، بدامني وڌڻ تي شهرين ۾ ڳڻتي ڇانيل

هنگورجا(ن پاڪ) هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڪافي /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

### نائب مک خليفي سيد امام الدين شاهه جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

چوٽياريون (ن پاڪ) نائب مک خليفي سيد امام الدين شاهه جي والده لاڏاڻو ڪري وئي، جنازي نماز ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سکر: سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

# ڀارتي نجومي پاران سيف علي خان ۽ ڪرينه ڪپور ۾ طلاق ٿيڻ جي اڳڪٿي

## ڪنڊلي ۾ لکيل آهي جوڙي ۾ ڏيڍ سال دوران طلاق ٿي ويندي: سشيل ڪمار سنگهه

## پرستارن ۾ ڳڻتي ڇانئجي وئي، سيف علي خان جي خاندان طرفان ڪو به جواب نه اچي سگهيو

ممبئي: (م ڊ) ڀارتي نجومي بالي ووڊ اداڪاره بيبو ۽ سيف علي خان جي وچ ۾ ڏيڍ سال جي دوران طلاق جي حيران ڪندڙ اڳڪٽي ڪري ڇڏي آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

# چوٽياريون لڳ ڳوٺ کي ڀاهه لڳڻ جو سماجي اڳواڻ نوٽيس ورتو

## سماجي ڪارڪنن لٽڪوءِ بشير استاپ تان 52,000 چندو گڏ ڪيو

## چندي جي رقم ڳوٺ جيوڻ لغاري جي ڀاهه متاثرن جي حوالي ڪئي وئي

چوٽياريون (رپورٽ سيد لعل خان شاهه) گزريل ڏينهن لٽڪوموري لڳ ڳوٺ حاجي جيوڻ لغاري ۾ لغاري برادري جي ڪيترن ئي گهرن کي اوچتو /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

# سڄاول سول اسپتال ملازمن جي 5 مهينن کان پگهار بند، احتجاج جو چتاءُ

## گذريل پنجن مهينن کان پگهارون نه ٿيڻ ڪري ڏڪيائين کي منهن ڏئي رهيا آهيون: زمان لغاري

## ڳچ پيرا احتجاج ۽ اختيارين کي دانهيو به آهي، پر هن مهل تائين ڪڙتيل ناهي نڪتو: بلاول ٻارڻ

## 10 مارچ تائين پگهارون جاري نه ڪيون ويون ته سخت احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ويندو: آفاق عمراڻي

سڄاول (رپورٽر) سول اسپتال سڄاول جي ريندر سروس ملازمن کي پنج مهينن کان پگهارون نه مليون، گذريل ڏينهن ملازمن جي گڏجاڻي ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا 35

زنده آباد
آزاد صحافت
احتجاج -احتجاج
نيشنل پريس ڪلب
مان ٽيل چوري واپس ڪرايو
پاڪ سنڌ صحافي اتحاد ضلع نوشهرو فيروز
نوشهروفيروز: صحافي چوري جي واپسي جي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

# نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز مان چوري ٿيڻ خلاف صحافين جو احتجاج

## صدر ايم ظفر تگرجي اڳواڻي ۾ قلم ڏٽين پوليس خلاف نعريبازي پڻ ڪئي

## چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان کي واپس ڪرايو وڃي: صحافي برادري

نوشهروفيروز( ڊ ر)نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز مان ٽيل چوري خلاف نوشهرو فيروز جا صحافي سراپا احتجاج، مظاهرو، رپورٽ موجب نيشنل/ڏسو صفحو 2 بقايا 36

---

# سکر ۾ بدامني عروج تي، ڦر ۽ ڌاڙن جون وارداتون معمول، اغوا ٿيل نينگر به بازياب نه ٿيو

## مغوي نينگر عابد هن مهل تائين بازياب ناهي ٿيو، سندس آزادي لاءِ پاران نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو

## ڦرن، چورين ۽ ڌاڙن جو وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن، پوليس جون دعوائون ڪوڙيون آهن

## سکر ضلعي ۾ امن امان بحال ڪرائي ٿيل ڏوهه واپس ۽ نينگر کي بازياب ڪرايو وڃي: مطالبو

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) سکر پوليس جي دعوائن باوجود شهر ۾ ڌاڙن ۽ ڦرن جون وارداتون جاري، هڪ هفتو اڳ اغوا ٿيل معصوم عابد اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهيو، جڏهن ته وارثن نيشنل هاءِ وي ۽ موٽر وي تي احتجاج جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سکر: پوليس پاران مغوي جي بازيابي لاءِ ڪچي ۾ آپريشن ڪيو پيو وڃي

# خيرپور آبادي ڪنٽرول ڪاتو جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ ناڪام

## 10 سالن کان اهم عهدي تي فائز بااثر عملدار ڪرپشن جا طريقا ايجاد ڪيا آهن:قربان ناريجو

## آفيس جو عملو ۽ ضلعي آفيسر ويزا تي موڪل تي ويل آهن: اسلم ميتلو ۽ ٻيا

خيرپور ( ڊر ) خيرپور ۾ وڌندڙ آبادي تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۽ جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ پاپوليشن ڪاتو ناڪام، پاپوليشن ڪاتي ۾ اهم عهدي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

# صوبائي محتسب لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد واسي جون شڪايتون حل ڪري ڇڏيون

## حاڪم علي ميراڻي ۽ لطيف آباد طالب حسين بروهي کي انصاف ملي ويو

## صوبائي محتسب پاران انصاف ڪرڻ تي اسان ٿورائتا آهيون: متاثرين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) : بهاور محله لاڙڪاڻو جي رهواسي حاڪم علي صوبائي محتسب سنڌ وٽ داخل ڪيل شڪايت ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

# خيرپور ضلعي جو ڳوٺ بنيادي سهولتن کان وانجهيل، ٽائون چيئرمين آفيس ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو

## ڪهڙا ٽائون جي قائم ڳوٺ ريڊر ۾ انساني سهولتن جو فقدان، ڳوٺاڻا ٻترجي دور واري زندگي گهارڻ تي مجبور

## ڳوٺ ۾ صفائي ستٿرائي جو ڪو به بندوبست ناهي، موذي مرضن منهن ڪڍيو آهي: ڳوٺاڻا

## ٽائون چيئرمين آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار ناهي، وڏو وزير نوٽيس وٺي بنيادي مسئلا حل ڪري: مطالبو

خيرپور ( ڊر ) گمبٽ تعلقي جو ڳوٺ ريڊر بنيادي سهولتن کان محروم ڳوٺ ۾ بجلي گئس اسٽيٽ لائيٽ پيئڻ جي پاڻي ۽ گئس ۽ صفائي ڊرينيج سسٽم ۽ پيئڻ جي پاڻي کان محروم ڪهڙا ٽائون جي چيئرمين سيد صدا شاهه ڪيترن/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

# ايس پي ايس سي ميرٽ جو جنازو ڪڍي ڇڏيو، پوزيشن نتيجن مان نڪرڻ سبب شاگرد ذهني پريشانين جو شڪار

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن نتيجن ۾ قيرقار ڪري سنڌ جي شاگردن نوجوانن کي مايوس ڪري ڇڏيو

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن باشعور ۽ سني تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن کي روزگار جو موقعو ڪسي وڏي زيادتي ڪئي آهي: ارسلان سهتو جو والد

## سنڌ جي شاگردن ۾ سخت مايوسي پکڙيل آهي، مامري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

خيرپور ( ڊ ر) سنڌ پبلڪ سرورس ڪميشن ميرٽ جو جنازو ڪڍي ڇڏيو سنڌ جي پوزيشن هولڊرن شاگردن کي نتيجن مان ڪڍڻ تي شاگرد ذهني پريشانين جو شڪار تفصيل موجب خيرپور جي رهواسي محمد حاجن سهتو خيرپور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سرعام ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي سنڌ جي ڪيترن ئي پوزيشن/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

# درياخان مري ۾ حدخلين شهر جي سونهن اجاڙي ڇڏي، ٽريفڪ هر وقت جام، شهري پريشان

## مختلف هنڌن تي ڪاروبار جي آڙ ۾ قبضا ٿي ويا، انتظيا ڪنهن به قسم ايڪشن نه ورتو

## غيرقانوني والار ٺهڻ ڪري شهرين لاءِ پيادل هلڻ به مسئلو، شڪايتن جو تدارڪ نه ٿي سگهيو

## نوشهروفيروز انڪروچمينٽ ڊپارٽمينٽ حد دخلين جي خاتمي بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي: شهري

درياخان مري (ن پاڪ) درياخان مري شهر ۾ وڌندڙ حد دخلين مسئلي شهرين جي مشڪلاتن ۾ گهڻو اضافو ڪري ڇڏيو. شهر جي مختلف بازارن، روڊن ۽ عوامي هنڌن تي دوڪاندارن ۽ قبضي خورن غير قانوني اسٽال، ريڑهيون/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

درياخان مري: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل علاج جي لاءِ اسپتال ۾ ويٺل آهن

# سکر ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني ۾ صفائي لاءِ انتظاميه متحرڪ

## انتظاميه نالين جي نيڪال جو نظام بهتر بڻائڻ لاءِ صفائي جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو

## رهواسين پاران نالين جي صفائي جو ڪم شروع ڪرڻ تي خوشي جو اظهار

سکر( بيورو رپورٽ) سکر ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني نال جي صفائي لاءِ انتظاميا متحرڪ ٿي وئي، جنرل ڪائونسلر جي نگراني ۾ صفائي جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

# سکر ۾ سيپڪو جو بجلي چورن خلاف آپريشن، 3 ڄڻا گرفتار

## واجبات جي ادائيگي نه ڪرڻ تي ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪرايو آهي: عملدار

## ڪيترائي غير قانوني ڪنيڪشن پڻ ڪاٽي تارون ضبط ڪيون ويون آهن

سکر( رپورٽ:شڪيل عاجز ) سيپڪو پاران ايف آءِ اي، رينجرز ۽ پوليس سان گڏجي بجلي چوري ڪندڙن خلاف آپريشن، گهرن تي ڇاپا هنيا ويا، ٽن/ڏسو صفحو 2 بقايا 21

# پورهيتن جي حقن تي سوديبازي نه ٿيندي: سيسي ڪمشنر

## ڪوشش آهي پورهيتن کي هر اسپتال ۾ سڀ سهولتون ملن

## منهنجا دروازا مزدور طبقي لاءِ 24 ڪلاڪ کليل آهن: مياںداد راهوجو

ڪراچي (رپورٽ. امداد سومراهه ) سيسي ڪمشنر سنڌ مياںداد راهوجو چيو آهي ته اسان جي ڪوشش آهي ته صوبي جي سيني مزدورن کي پنهنجا حق /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڪراچي: سيسي هيڊ آفيس ۾ اجلاس دوران چارٽر آف ڊمانڊ وارو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو پيو وڃي

# اسلام ۾ عورت جي پردي جو خاص حڪم مليل آهي:نديم احمد هاشمي

## سيده ڪائنات امان ٻيبي فاطمه زهري رضي الله عنه جهڙو پردو ڪير به نه ڪندو

## عورت جو ٻاهر نڪرڻ پردي تي هوندو آهي، عمل ڪرڻو پوندو: ڪانفرنس کي خطاب

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) سيده ڪائنات امان ٻيبي فاطمه زهري رضي الله عنها جو دنيا جي عورتن لاءِ پردي جو حڪم وڏي اهميت رکي ٿي سيده /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

# دڙو پرسان عورتن سامهون ويهڻ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو،10 ڄڻا زخمي

## پنجاري ڪينال ڪپر تي ويهڻ تان جهيڙو، هڪ ٻئي کي ٺاهوڪو ڪٽڪو

## زخمي اسپتال منتقل، پوليس پهچي صورتحال تي ضابطو آندو، ڪيس داخل

دڙو(ن پاڪ) دڙي ويجهو پنجاري ڪينال جي ڪپر تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

# خيرپور ۾ رمضان ڪريم دسترخوان لڳي ويو

## روزانو 7 سئو روزيدار روزو کوليندا آهن: ڊپٽي ڊائريڪٽر بيت المال خيرپور

خيرپور ( ڊر ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ ايم ڊي پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

# سنڌ هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻو پاران ڪئنال اڏڻ ۽ پيڪا ايڪٽ خلاف مظاهرو ڌرڻو

## صدر ايڊووڪيٽ اطهر عباس سولنگي جي اڳواڻي ۾ بار روم اڳيان احتجاج ڪيو ويو

## ڪئنال ٺاهڻ واري عمل کي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ جي برابر سمجهون ٿا : اطهر عباس

## پيڪا ايڪٽ آزاد صحافت تي حملو آهي، حڪومت کي واپس وٺڻو پوندو: اڳواڻن جو خطاب

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو طرفان سنڌو درياهه مٿان زبردستي 6 نوان ڪئنال اڏڻ ۽ 26 هين آئيني ترميم توڙي پيڪا ايڪٽ خلاف بار روم ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

# خاناڻي ٻيلي مان غير قانوني وڻن جي واڍي، ٻيلي کاتي عملدارن تي ڪرپشن جا الزام

## ٻيلي کاتي جي رينج آفيسر ڪارروائي ڪندي ڪاٺ سان ڀريل ٻه سوزوڪي پڪ اپ تحويل ۾ ورتيون ۽ ست ڄڻن کي گرفتار ڪيو

## ڪاموري چند ڪلاڪن اندرئي مبينا طور لکين رپين جي ڏيتي ليتي بعد آزاد ڪري ڇڏيو: مقامي ذريعا

## ساموندي پٽيءَ جي ٻيلي علائقن ۾ اڳ ئي وڻن جو خاتمو تيز ٿي چڪو آهي: علائقي واسين جي دانهن

گهوڙاٻاري (ن پاڪ) گهوڙاٻاري لڳ 105 جنگلات خاناڻي ٻيلو مان غيرقانوني طور وڻ ڪٽڻ جو سلسلو/ڏسو صفحو 2 بقايا 37

گهوڙاٻاري: ٻيلي مان واڍي ڪيل ڪاٺ سوزڪين ۾ لوڊ ڪري نيو پيو وڃي

### پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر متس ڪيس خارج ڪرڻ لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بغاوت ۽ ماڻهن کي فساد لاءِ ڀڙڪائڻ واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر متس ڪيس خارج /ڏسو صفحو 2 بقايا 38

# نيوسعيدآباد ۾ ٻه منشيات فروش گرفتار،8 شراب جون بوتلون هٿ

## ڊي ايس پي منظور حسين لکي جي اڳواڻي ۾ منشيات فروشن خلاف ايڪشن

## منشيات فروشن وٽان 8 شراب جون بوتلون هٿ، ڪيس داخل ڪيو ويو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا ) نيوسعيدآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 39

# ڏوهاري صدام ۽ وجاهت جلباڻي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هئا:ايس ايس پي

## جوابدارن سنتوش ڪمار ۽ سنجي ڪمار کي قتل ڪيو هو: احمد فيصل چوڌري

## مارجي ويل ڏوهارين جا ڪجهه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس طرفان مبينا/ڏسو صفحو 2 بقايا 40

# مڪلي ۾ پورهيت ۽ گهرواري تي حملو، هڪ ڄڻو زخمي

## عيد گاهه وٽ ذڪريا ٿهيم ۽ سندس گهرواري حملي ۾ زخمي

## اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي پوليس گرفتاري ناهي ڪئي: ذڪريا ٿهيم

ٺٽو( ڊر) مڪلي عيد گاهه ويجهو پورهيت ذڪريا ٿهيم ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

### لاڙڪاڻي جي عدالت ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تي جوابدار کي هڪ سال جي سزا ٻڌائي ڇڏي

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي سول ايںڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ 2 جي جج سيد اويس شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

# ڪوهستان پٽي ۾ ٻڪري چورن رڻ ٻاري ڏنو، چوريون معمول

## چور ڏنار ستار برفت جون اڪيون ٻڌي قيمتي ٻڪريون ڪاهي ويا

## پوليس اختياريون فورن نوٽيس وٺي امن قائم ڪرائين: رهواسي

ٺٽو( ڊر) جنگشاهي ۽ ان جي آسپاس جي ڪوهستاني پٽي ۾ ٻڪري چورن رڻ ٻاري ڏنو زبردستي هٿيارن جي زور تي ڏنارن کي يرغمال بنائي/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

# دڙي ۽ ڀرپاسي انتظامي نااهلي سبب مهانگائي چوٽ چڙهيل، عوام جون دانهون

## مرغي، وڏو گوشت، ننڍو گوشت، مڇي، داليون ۽ سبزين جا ريٽ آسمان سان ڳالهيون

## منافعي خورن خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي نه ٿي، ڀنهي هٿن سان عوام کي ڦرلڳا

## حڪومت مهانگائي جو طوفان برپا ڪري وات مان ماني جو گرهه کسي ورتو آهي: عوام جون دانهون

دڙو(ن پاڪ) دڙو شهر سميت ڀرپاسي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ رمضان المبارڪ اينديئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

# ڳوٺ گلزار ٽيهو بنيادي سهولتن کان محروم، ڳوٺاڻا ٻترجي دور واري زندگي گهارڻ لڳا

## 2010 جي مها ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل ڳوٺ جي ڪنهن به سار نه لڌي، مسئلن جا انبار لڳل

## ڳوٺ اسڪول، صحت، تعليم، صفائي ستٿرائي ۽ ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز آهي: سورٺ ٽيهو

## مون کي ايم پي اي واري دور ۾ ٻه ڪروڙ جي بجيٽ ملي ڳوٺ ۾ ڪميونٽي سينٽر ٺهرايو:ن ليگ اڳواڻ

خيرپورناٿن شاهه( رپورٽ:( قربان ٻگهيو ) اڳوٽي ايم پي اي مسلم ليگ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري سورٺ ٽيهو پاڪ کي ٻڌايو آهي ته 2010 واري ٻوڏ ڪاڻپوءِ سنڌس ڳوٺ گلزار ٽيهو تباهه ۽ برباد ٿي چڪو آهي هنن جديد/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ڪي اين شاهه: گلزار ٽيهو ۾ پرائمري اسڪول زبون حالي جو ڏيک ڏئي رهيو آهي، ٻي پاسي بار ٽينٽ هيٺ تعليم پرائي رهيا آهن

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي